# كينجهر

(٦)

٩٤-١٩٩٥

## سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

# ڪينجهر

# ٦

سنڌي شعبو   سنڌ يونيورسٽي

ڄام شورو

---

هي ڪتاب سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو

فون: 18139

# ڪينجهر

## (تحقيقي جرنل)

# ٦


سرپرست اعليٰ

ڊاڪٽر غلام علي الانا
وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي

نگران ايڊيٽر
پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم
چيئرمين
سنڌي شعبو

ايڊيٽوريل بورڊ
ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو - ميمبر
ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ - ميمبر
هدايت پريم - ايڊيٽر



سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

1995-94ع

# ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| گذارش | | (v) |
| پيغام | | (ix) |
| ليکڪن جو مختصر تعارف | | (xi) |
| 1- مخدوم صاحب جي سرپرستيءَ هيٺ نڪتل ٻہ ادبي رسالا | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 1 |
| 2- شاھ جي ڪلام ۾ روحاني حسن | ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ | 15 |
| 3- سنڌي جيون ڪهاڻي جو مطالعو | ڊاڪٽر قاضي خادم | 33 |
| 4- سندري اتم چنداڻي | نور افروز خواجہ | 49 |
| 5- لسانيات کان سماجي لسانيات تائين (1) (هڪ اڀياس) | ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو | 57 |
| 6- ڪڇ ۽ لاڙ جا علمي تعلقات | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | 71 |
| 7- پرمانند ميوارام (1866-1938ع) | عبدالقيوم صائب | 93 |
| 8- سنڌي ٻوليءَ جو اترادي لهجو | هدايت پريم | 115 |
| 9- خاڪپائي مرتضيٰ شهدادخان | ڊاڪٽر قمرجهان ميرزا | 129 |
| 10- سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ علامت نگاري | تهمينہ سڪندر | 135 |

# گذارش

سنڌي شعبي جو تحقيقي جرنل " ڪينجهر" پنهنجي هڪ جداگانہ حيثيت رکي ٿو. خاص طور ان ڪري، جو هن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپجندڙ هي واحد جرنل آهي، جنهن ۾ صرف تحقيقي مضمون ۽ مقالا شايع ٿين ٿا. نہ صرف ايترو پر ان جا ليکڪ گھڻو ڪري سنڌي شعبي جا استاد ئي آهن. جيڪي پنهنجي پيشہ ورانہ لحاظ کان، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي کيتر ۾ نهايت اهم مقام والارين ٿا.

سنڌي شعبي جي استادن ۽ سربراهن جو جائزو وٺبو تہ انهن ۾ ملڪ جا ناميارا محقق هڪ هنڌ گڏ ٿيل نظر ايندا. محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محترم محبوب علي چنہ (مرحوم)، محترم علي نواز جتوئي، محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا، محترم علامہ غلام مصطفي قاسمي، محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، محترم ڊاڪٽر حبيب الله مرزا، محترم محرم خان (مرحوم)، محترم ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، محترمہ نور افروز خواجہ، محترمہ سحر امداد، محترمہ ڊاڪٽر قمر جهان مرزا، محترم ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو، محترم هدايت آخوند ۽ راقم الحروف (ڊاڪٽر قاضي خادم) ۽ انهن سان گڏ محترم مير محمد نظاماڻي، محترم جمال احمد رند ۽ مرحوم پروفيسر عبدالڪريم لغاري بہ ڪجھہ وقت لاءِ هن شعبي ۾ ڪم ڪيو هو. هنن نالن ۾ هر نالو پنهنجي جڳھہ تي هڪ اهم حيثيت رکي ٿو. هنن جا لکيل تحقيقي، تنقيدي ۽ تخليقي ڪتاب سنڌي ادب جو عظيم سرمايو آهن. نہ صرف ايترو پر انهن مان ڪيترن ڪي بين الاقوامي طور سنڌي ادب، آرٽ ۽ ڪلچر تي اٿارٽي مڃيو ويندو آهي.

هي سنڌ ۾ سنڌي شعبي جو سڀاڳ آهي، جو اڄ بہ انهن مان گھڻن جو مشفقانہ ڇانءُ اسان جي مٿن تي آهي. نہ صرف ايترو پر هن شعبي لاءِ هنن جي دل ۾

پيار ۽ عزت بہ موجود آهي ۽ شعبي جا موجوده استاد سندن قيمتي راين کان هر وقت فيض حاصل ڪندا رهندا آهن. ۽ سندن دل و جان سان عزت بہ ڪندا آهن. ان جو ثبوت اهو پروگرام آهي جيڪو هن سال عمل ۾ آندو ويندو. جنهن ۾ هن شعبي جي باني استادن سان شعبي جي شاگردن کي ملايو ويندو ۽ يونيورسٽي ۾ عام جلسا ڪري سندن مڪمل تعارف سان گڏ. ڪائنئ موجوده دور ۾ ادب ۽ علم جي معيار وڌائڻ بابت مفيد رايا پڌا ويندا ۽ سندن انهن گفتن کي قلمبند ڪري " ڪينجهر 1996 " جو هڪ خاص نمبر شايع ڪيو ويندو. جيڪڏهن ڪنهن شعبي جي اهميت، ان ۾ ڪم ڪندڙن جي تعداد ۽ ايئرڪنڊيشن ڪمرن. ڪارن کان وڌيڪ انهن جي لياقت تي پرکي وڃي تہ پوءِ ان اداري جي اهميت واضح ٿي سگهي ٿي. هن ڏس ۾ سنڌي شعبو علم ۽ ادب جي ڪنهن بہ ٻئي شعبي کان وڌيڪ اڳرو آهي، ان ڪري بہ جو ان ۾ ڪم ڪندڙ هڪ مخصوص معيار جي علمي ۽ ادبي حيثيت رکن ٿا. هو نہ صرف علم ۽ ادب جي تعليم ڏين ٿا. بلڪہ ان جي پرک يعني امتحان بہ وٺن ٿا ۽ علمي ۽ ادبي موضوعات تي تحقيق بہ ڪرائين ٿا. اهڙيءَ طرح هو مڪمل طور علم ۽ ادب جي خدمت ۽ پرچار ڪن ٿا ۽ حال جو ماضيءَ سان ڳانڍاپو بہ رکيو اچن ٿا.

سنڌي شعبي ۾ لوڪ ادب، داستان، لوڪ شاعري، قديم شاعري، ڊراما، ناول، افسانو، جيون ڪهاڻي، سفرناما، خط، ڊائريون، جديد ادب ۽ شاعريءَ جون صنفون، تنقيد، سنڌي ادب جي تاريخ، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ لسانيات، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست جي شاعري ۽ حالات تي تفصيلي معلومات تي مشتمل ڪورس پڙهايا وڃن ٿا. ۽ انهن موضوعن تي سوين ڪتابن تي مشتمل سيمينار هن شعبي ۾ موجود آهي. اهڙيءَ طرح هن شعبي ۾ ادب جي هر پهلوءَ تي تحقيق ڪرڻ جو مواد بہ موجود آهي ۽ ڄاڻو ۽ ماهر محقق استاد بہ موجود آهن، جيڪي انهن ڪتابن مان استفادو حاصل ڪرڻ لاءِ سڪيا پڻ ڏين ٿا. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ يا تہ سنڌي شعبي ۾ اشاعت جو ڪو بندوبست ڪيو وڃي تہ جيئن انهن ماهرن جي لکڻين کي باقائدگيءَ سان شايع ڪري ادب کي وڌيڪ مالا مال ڪيو وڃي، يا هن شعبي جو انهن اشاعتي ادارن، جهرڪ، انسٽيٽيوٽ آف

سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ سان پائدار رابطو قائم ڪيو وڃي تہ جيئن هن شعبي جي سفارش تي پڻ ڪتاب شايع ڪرايا وڃن جيڪي اڳتي هلي علم ۽ ادب جي شاگردن، محققن ۽ ادب دوستن ڪي ڪم اچي سگهن.

سنڌ يونيورسٽيءَ جو سنڌي شعبو، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ڪيتر ۾ بيچلرز، ماسٽرز، ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جون ڊگريون ڏيڻ جي سلسلي ۾ مرڪزي حيثيت حاصل آهي، تنهن جي طرفان يونيورسٽيءَ جي حدن، اهي سمورا علائقا جتي يونيورسٽيءَ جون ملحق ڪاليجون موجود آهن، ۾ سيمينار، سمپوزيم ۽ ڪانفرنسون ڪرائڻ جو ذمو بہ کڻڻ گهرجي ۽ علم ۽ ادب جي واڌاري لاءِ اهي سڀ ڪوششون وٺڻ گهرجن، جن جي هن وقت سخت ضرورت آهي. ان ڏس ۾ انهن علائقن جي مکيہ سرڪاري ادارن کي بہ يونيورسٽيءَ سان مڪمل سهڪار ڪرڻ گهرجي تہ جيئن گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهجن.

سنڌي علم ۽ ادب تي تحقيق جي ڪيتر ۾ اسان جي اها بہ راءِ آهي تہ يونيورسٽي کان ٻاهرمحققن کان مدد وٺڻ جي سخت ضرورت آهي ۽ هنن جي لکڻين کي بہ ڪينجهر ۾ خوش آمديد چيو وڃي. ان ڏس ۾ هن ئي شماري ۾ مشهور سنڌي محقق ۽ استاد ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ محترم عبدالقيوم صائب جا تحقيقي مضمون شايع ڪيل آهن، جيڪي علم دوستن کي بيڪ سان تمام گهڻو پسند ايندا. ان سان گڏ هن پرچي ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، مسز نور افروز خواجہ، ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو، ڊاڪٽر قمر مرزا، مسٽر هدايت آخوند ۽ راقم الحروف (ڊاڪٽر قاضي خادم) جا مضمون شامل آهن، جن مان هرهڪ پنهنجي عنوان ۽ مواد جي ڪري سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو.

هن کان اڳ سنڌي شعبي پاران جيڪي تحقيقي جرنل شايع ٿيا آهن، اهي هي آهن:

1. سنڌي صحيفو 1962.
2. سوکڙي 1964.
3. سوغات 1966.

4. پورب 1970.
5. پرک 1977.
6. ڪينجهر 1987 کان 1994 - 5 نمبر.

هي جرنل پنهنجي تحقيقي مواد جي ڪري، سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. انهن جي ليکڪن ۾، ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر حبيب الله مرزا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، مرحوم پروفيسر محرم خان، شمشير الحيدري، مرحوم علي محمد خالدي، ٻيا سنڌي شعبي جا استاد ۽ عالم شامل آهن.

ڪينجهر جو ايڊيٽوريل بورڊ سنڌي شعبي جي ٻراڻي استاد چيئرمن ۽ موجوده وائيس چانسلر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن جو ٿورائتو آهي، جنهن ڪينجهر جي ڇپائيءَ ۾ تمام گهڻي دلچسپي ورتي ۽ سندن ذاتي هدايتن تي هي پرچو ايترو جلدي نڪري ظاهر ٿيو آهي.

آخر ۾ سنڌ يونيورسٽي پريس جي مئنيجر مسٽر غلام محمد جا به ٿورائتا آهيون، جنهن هن پرچي جي اشاعت ۾ ذاتي دلچسپي ڏيکاري ۽ ان کي بهتر بنائڻ لاءِ مفيد مشورا بہ ڏنائين.

اوهان جو پنهنجو

**قاضي خادم**

# پيغام

مونکي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ۽ فخر محسوس ٿي رهيو آهي، تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جو سنڌي شعبو، وڏي عرصي کان باقاعدگيءَ سان "ريسرچ جرنل" شايع ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ سنڌي شعبي جي استادن سان گڏوگڏ سنڌ جي برک محققن جا تحقيقي مضمون پڻ شايع ٿيندا رهن ٿا.

سنڌي شعبو جيئن تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جو هڪ اهم شعبو آهي ۽ منهنجو مادر علمي رهيو آهي، تنهنڪري علم ۽ ادب جي کيتر ۾ ان تي تمام وڏا فرض عايد ٿين ٿا. جنهنڪري هي شعبو نہ صرف تعليم جي اعليٰ اقدار جي پاسباني ڪرڻ جهڙي اعليٰ مقصد جو علمبردار آهي، بلڪہ سنڌ جي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ پڻ ان کي تمام گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي. مونکي اميد آهي، تہ هي شعبو، پنهنجي قابل استادن جي رهبريءَ ۾ هن ملڪ ۽ خاص طور سنڌ واسين جي اميدن ۽ آرزوئن کي پورو ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏيندو.

آءٌ سنڌي شعبي سان پنهنجي قديمي واسطي جي حوالي سان هميشہ اهوئي چاهيندو آهيان، تہ هي شعبو، پنهنجي اعليٰ ڪارڪردگيءَ جي معيار کي بلند کان بلندتر ڪندو رهي، جنهن لاءِ شعبي جي استادن کي پڻ گهرجي تہ هو اهڙيون رٿائون تيار ڪن، جو نہ صرف شعبي جي اندر شاگردن جي تعليم ۽ رهنمائي ٿي سگهي، بلڪہ شعبي کان ٻاهر بہ ان جا ڪارڪن علم ۽ ادب جي ٻڪيڙ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکن.

مونکي يقين آهي تہ سنڌي شعبو، علمي ۽ ادبي ڪانفرنسن، سيمينارن ۽ سمپوزيم وسيلي، علم ۽ ادب جي هر پهلوءَ تي کوجنا جا نوان رخ پيش ڪندو. ان اميد سان آءٌ سنڌي شعبي جي چيئرمين، استادن ۽ ڪينجهر جي ايڊيٽوريل بورڊ کي سندن هن پيار جي پورهئي تي مبارڪباد ڏيان ٿو.

**ڊاڪٽر غلام علي الانا**
وائيس چانسيلر
يونيورسٽي آف سنڌ
8-5-1995

# هن پرچي جي ليکڪن جو مختصر تعارف

## ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

21- آگسٽ 1962ع تي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو. گولڊ ميڊلسٽ آهي. 1966ع ۾ بيجنگ مان چيني ٻوليءَ ۾ ڊپلوما ۽ 1974ع ۾ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي نظرداريءَ هيٺ سنڌ يونيورسٽيءَ مان "سنڌي شاعريءَ تي فارسي جو اثر" مقالو لکي پي ايچ ڊي جي سَنَدَ حاصل ڪيائين. سندس ڪيترائي مقالا ڇپيل آهن، جڏهن تہ ڪتابن جو تعداد ٻن درجن کان وڌيڪ آهي. هن وقت سنڌي شعبي جو پروفيسر ۽ سنڌ يونيورسٽي آرٽس فيڪلٽي جو ڊين آهي.

### ڊاڪٽر غلام حسين پناھ:

3- ڊسمبر 1966ع تي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو. 1977ع ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي جي نظرداري هيٺ "سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ" جي موضوع تي مقالو لکي سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي سَنَدَ حاصل ڪيائين. 1985ع ۾ سندس ڪتاب "تحقيق جو فن" تي اڪيڊمي آف ليٽرس جو شاھ عبداللطيف ڀٽائي ايوارڊ ڏنو ويو. 1986ع ۾ سندس تحقيقي مقالي "شاھ جي ڪلام ۾ تصوف" تي شاھ لطيف ثقافتي مرڪز طرفان انعام ڏنو ويو. سندس پي ايچ ڊي جو مقالو ۽ ٻيا ڪيترائي مقالا ڇپيل آهن. هن وقت سنڌي شعبي ۾ پروفيسر آهي.

### ڊاڪٽر خادم حسين قاضي:

15- جون 1970ع کان سنڌي شعبي ۾ استاد آهي. تخليقي ۽ تنقيدي ادب سان گهڻي وابستگي اٿس. سندس ڪيتريون ئي ڪهاڻيون، ٽي وي ۽ ريڊيو

ناٽڪن کان علاوه ہہ اصلي ناول ۽ چار ترجمو ڪيل ناول پڻ ڇپيل آهن. ڪيترائي مقالا ۽ مختلف موضوعن تي ڇوڏنهن ڪتاب ڇپيل اٿس. علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي نظرداريءَ ۾ "سنڌي نثري داستان" جي موضوع تي مقالو لکي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي حاصل ڪئي اٿائين. هن وقت سنڌي شعبي ۾ پروفيسر ۽ چيئرمين آهي، ۽ ان سان گڏ اسٽوڊنٽس گائيڊنس جي بيورو جو ائڊوائيزر پڻ آهي.

## مسز نور افروز خواجہ:

21- جون 1976ع تي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿي. گولڊ ميڊلسٽ آهي. ڪيترائي مقالا مضمون ۽ ٻارن جي ڪهاڻين جي ترجمو ڪيل هڪ ڪتاب ڇپيل اٿس. هن وقت شعبي ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر آهي.

## ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو:

اپريل 1977ع ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار طور مقرر ٿيو. ڪهاڻين ۽ شاعريءَ کان علاوه ڪيترائي تنقيدي ۽ تحقيقي مقالا ڇپيل اٿس. مرزا قليچ بيگ جي سوانح حيات تي ڪتاب کان علاوه ٽي مقالن جا ڪتاب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سان گڏ ايڊٽ ڪيل اٿس. انگلينڊ جي ايسيڪس يونيورسٽيءَ مان پروفيسر پيٽر ٽرڊ گل، ڊاڪٽر ريچيل هارس ۽ پروفيسر مارٽن ايٽڪنسن جي نظرداري هيٺ "سنڌيءَ جو ٻيٽا ٻيٽي سماجي لسانياتي اڀياس" جي موضوع تي مقالو لکي پي ايڇ ڊي حاصل ڪيائين. هن وقت سنڌي شعبي ۾ ائسوسيئيٽ پروفيسر آهي.

## محترم هدايت پريم:

31- جولاءِ 1979ع ۾ شعبي جو ليڪچرار مقرر ٿيو. ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ۽ مقالا ڇپيل اٿس. اسڪول آف اورينٽيل اسٽڊيز لنڊن مان لسانيات ۾ ڊپلوما حاصل ڪري واپس آيو. سنڌس ہہ ڪتاب ڇپيل آهن. اڄ ڪلهہ سنڌي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي.

## ڊاڪٽر قمر جهان مرزا:

18- فيبروري 1985ع ۾ شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿي. 1983ع ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي نظرداري هيٺ ”حيدرآباد جي ٽالپرن جو علمي, سماجي ۽ ثقافتي تاريخ ۾ حصو“ مقالو لکي سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي سَندَ حاصل ڪيائين. ڪجهه مقالا ۽ هڪ ڪتاب ڇپيل اٿس. اڄ ڪلهه سنڌي شعبي ۾ ئي اسسٽنٽ پروفيسر آهي.

## ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي:

جنوري 1932ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. استاد جي حيثيت ۾ پنهنجي ڪيريئر جو آغاز ڪيائين, پروفيسر, ڊگري ڪاليج جي حيثيت ۾ رٽائر ڪيائين. ڪيترن ئي مقالن کان علاوه ٻن درجن کان وڌيڪ ڪتاب ڇپيل اٿس. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي نظرداري هيٺ ”شاهه ڪريم جو ڪلام“ ترتيب ڏئي پي ايچ ڊي جي سَندَ سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين.

## عبدالقيوم ”صائب“

هڪ نالي وارو اديب ۽ شاعر آهي. وڪالت جي پيشي سان منسلڪ آهي. سنڌي ادب ۾ سندس ڪتاب ”عروض جا اهڃاڻ“ وڏي حيثيت رکي ٿو. پاڻ مختلف موضوعن تي ڏهاڪو کن ڪتاب لکيا اٿس ۽ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا مختلف رسالن ۾ ڇپجندا رهيا اٿس. هن وقت ”حيدرآباد جي ثقافتي تاريخ“ جي عنوان تي ڪم ڪري رهيو آهي.

# كينجهر

سنذي شعبو

## ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# مخدوم صاحب جي سرپرستيءَ هيٺ نڪتل ٻه ادبي رسالا

## ("روح ادب" ۽ "شاعر" جو وچور)

مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولى، سنڌ ۾ خاص طور علم ادب، تعليم ۽ موسيقيءَ جي جيڪا سرپرستي ڪئي، سا ڪنهن کان ڳجهي نہ آهي. پاڻ اشاعتي ڪم ۾ جيڪا مدد ڏنائون، اُن جي تفصيل کي ڇڏي فقط ادبي رسالن کي ڏسبو تہ اُن سلسلي ۾ نمايان ڪم ڪيائون. هڪ طرف مالي مدد ڏنائون ۽ دلچسپيءَ سان اُن اشاعتي سلسلي جي ڪامياب ڪرڻ ۾ ڪوشان رهيا، ٻئي طرف مالي مدد سان گڏ مڪمل طور ادبي سهڪار ۽ ساٿ بہ فراهم ڪيائون.

سنڌن انهيءَ عزم جا ٻہ مثال، ٻہ ادبي رسالا "روح ادب" ۽ "شاعر" آهن. انهن رسالن ۾ مالي نقصان سَٺائون ۽ اشاعت ۾ دير بہ ٿي. پاڻ پورو پورو ادبي ۽ مالي ساٿ ڏيندا رهيا. ادارت بہ ٻن اهم اديبن جي حوالي ڪيائون. پر ڪاميابي حاصل نہ ٿي. اُهي ٻہ اديب محمد خان غني ۽ غلام محمد گرامي هئا. جن جي قابليت ۽ صحافتي توڙي ادبي، تجربي ۽ اهليت ۾ ڪنهن کي ڪڏهن بہ شڪ نہ هو. هِن مضمون ۾ فقط اِنهن ٻن رسالن جا تفصيل حاضر خدمت آهن:

**روح ادب:** هي سالو مخدوم صاحب. اداره روح ادب جي سايي هيٺ ڪڍيو. پاڻ هن اداري جا سرپرست ۽ باني هئا. اداري جي انتظاميہ جي سٿاءِ سان گڏ رسالي روح ادب جو ايڊيٽوريل بورڊ تشڪيل ڏنو ويو هو، جنهن ۾ جناب محمد خان غنيءَ جي ڪليدي حيثيت هئي. غني صاحب ايڊيٽر هو. کيس صحافت جو تجربو بہ هو ۽ سنڌيءَ جو مڃيل اديب ۽ شاعر بہ هو. هن رسالي جو پهريون پرچو آڪٽوبر 1954ع ۾ نڪتو. پرچي جا صفحا 50 ۽ ساليانو چندو ڏهہ روپيا

آهي. روح ادب جا ڪل چار شمارا نڪتا. هرهڪ ۾ آيل مواد جو تفصيل هن ريت آهي.

## جلد: 1- نمبر: 1 آڪٽوبر 1954ع

1- مخدوم محمد زمان طالب المولي جو فوٽو.

2- مخدوم صاحب طرفان ٻـ لفظ "ارشاد گراميءَ" جي سِري هيٺ. هن مختصر تحرير ۾ مخدوم صاحب جن اداري روح ادب جو تعارف ڪرائيندي ٽن ذيلي شعبن جو اعلان ڪيو. اُهي آهن؛

دارالمصنفين، بزم مشاعره، راڳ سڀا.

3- اي شاهِ سنڌ (نظم) ساجد سرشاري.

4- التماس- طرح مصرع، ڀچ ڀرين ڪان ... الخ.

نائب ايڊيٽر جناب اسد تڪڙائيءَ طرفان ڏنل آهي.

5- حمد باري تعاليٰ (حمد) سرشار عقيلي

6- اداريو: پنهنجون ڳچارون- از: محمد خان غني.

7- مضمون نگارن کي گذارش.

8- روح ادب (نظم) - محمد خان غني.

9- شاه ڀٽائيءَ جو احوال - جي ايم سيد.

10- شاه جي سنڌڙيءَ جون حدون.

11- شاه جي حقيقت نگاري - حافظ شاه حسيني.

12- سلام (نظم) محمد خان غني.

13- سنڌ جو سينگار (نظم) - لالا آنند پرڪاش ڪنڌڪوٽي.

14- شاه ۽ سندس شعر جي مقبوليت - حافظ محمد احسن.

15- شاعر حق شناس - عبدالڪريم چشتي.

16- شاه بابت روايتون - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

17- گهوڙو شاه جي نظر ۾ - عبدالرحيم جوڻيجو.

18- شاه جي حب الوطني - قاضي محمد علي اختر.

19- جاڳ اي فرد سنڌ جاڳ - (نظم) امير قريشي سرشاري.

20- شاه جو بيدل تي اثر - ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.

21- نعت شريف - مسڪين سرشاري.

22- شاھہ لطيف (نظم) - احمد خان اختر.

23- ساھڙ جي سڪ (نظم) - احمد خان اختر.

**فوٽو**

ڊاڪٽر گربخشاڻي - مرزا قليچ بيگ - محمد بخش واصف - دين محمد وفائي - غلام محمد شاھوائي- ميران محمد شاھہ - جي ايم سيد - ڊاڪٽر دائود پوٽو.

24- جي تو بيت پانئيا، سي آيتون آهين - سيد بچل شاھہ.

25- شاه ۽ تصوف - راز بلڙائي.

26- شاه جي سسئي - حسيني اسدالله شاھہ اسد.

27- شاه جو نظريہ انسان - غلام محمد گرامي.

28- سنڌ جو عوامي شاعر شاه ڀٽائي - غلام مصطفيٰ قاسمي.

29- شاه ڀٽائي ۽ سندس پاڙيسري - محمد يعقوب چانگ.

30- 'هاڻ ڪجھہ پنهنجي متعلق' جي سِري هيٺ اداري جي مشڪلات ۽ رسالو عربي خط جي ٽائيپ ۾ ڪڍڻ جو ارادو ظاهر ڪيل آهي.

31- فوٽو، سرشار، عارف المولیٰ ۽ غني.

32- شاه جا بيت ۽ محمد علي جوهر جو نظم.

33- تبرڪات شاه - عبدالڪريم سعدي.

(رسالو هاشمي پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو).

## جلد: 1 نمبر: 2، نومبر 1954ع

1- پنهنجون ڳالهيون (اداريو).

2- مخدوم غلام حيدر صاحب جو فوٽو.

3- سروري ڪاليج هالا جي عمارت جو فوٽو.

4- طلب الطالب (نعتيہ ڪلام) مخدوم طالب المولیٰ.

5- حضور رسول اڪرم صلعم جن جي سيرت پاڪ تي هڪ صفحي جو مضمون.

6- نعت - قاضي اسدالله شاهہ فدا.

7- باده ڪُهن (نعت) - شمس الدين بلبل.

8- گلستان مصطفيٰ (نعت) - محمد هاشم مخلص.

9- انتظار سرورِ ڪائنات (صلعم) - برده سنڌي.

10- محسنِ انسانيت - راز بلڙائي.

11- صبح ميلاد (نعت) - حافظ عبدالله بسمل.

12- اسان جي آقا جون خصوصيتون - عبدالڪريم چشتي.

13- تشريف - حافظ محمد احسن.

14- پريم جي شڪتي - بابا هرنام داس ڪبير پنٿي هريانہ واسي.

15- منهنجا سلام ڇُنجا (نظم) - احمد خان اختر.

16- يارسول الله (نظم) - مولوي محمد نورنگ زادو.

17- حضور جن جو حسنِ سلوڪ: دشمن مذهب و ملت کي معافي.

18- رحمت اللعالمين جي رهڻي ڪرڻي.

19- اسوه حسنہ - احمد خان اختر.

20- مصطفيٰ صلعم جو قيدي - محمد عثمان ڏيپلائي.

21- حق جو رعب - سيرت ابن هشام تان ورتل.

22- بُت شڪن - سوامي رامانند جي.

23- شانِ محمد (نظم) - رحيم بخش هوش.

24- شان رسول (نظم) - حافظ محمد احسن.

25- شان ربيع الاول (نظم) - محمد خان غني.

26- مدح و ثنا چار يار -

الف: شان ذولنورين - شان فاروق اعظم (حسين شبير ٽڪڙائي).

ب: مدحت مرتضيٰ - سيرت صديق (محمد دائود تاج ٽڪڙائي)..

27- فوٽو. پروفيسر محبوب علي چنہ

= محمد بچل محبوب هوسڙي والا.

/ 28- غزل - سرشار عقيلي.

29- اندلس جي علمي تاريخ - مولائي شيدائي.

30- غزل - محبوب هوسڙي والا.

31-مشاهيرسنڌ- حافظ محمدهارون دلگير جي باري ۾ مضمون- اسدالله شاه اسد.

32- دلگير جو ڪلام.

33- فتنہ خانقاه (نظم) - محمد خان غني.

34- سيوهڻ سنڌ - چنہ شبير ناز.

35- تنگ ڪشو ۽ لغام - عبدالرحيم جوڻيجو.

36- بره جي بهار (ڪافي) - عارف المولي.

37- ادبي محفلون (رپورٽ) - احمد خان اختر.

38- جهوڪ شريف ۾ ادبي ڪانفرنس جو خطبہ استقباليہ - فدا سرشاري.

39- شاه شهيد (هديہ عقيدت) - محمد خان غني، محمد نورنگ زادو، علي محمد خالدي، امير قريشي، اسدالله شاهہ، حافظ شاه حافظ، احمد خان اختر ۽ محبوب ٿٽوي.

40- ڪرشمہ قدرت (مضمون).

## جلد: 1 نمبر: 3 ڊسمبر 54 ۽ جنوري 1955ع

1- دفتري اطلاع.

2- پنهنجون پچارون.

3- ارشاد گرامي: مخدوم طالب المولي جن جي طرفان اداره روح ادب ۽ اينڌڙ مخدوم نوح نمبر جي باري ۾ اعلان.

4- سنڌ جا گمنام شاعر ۽ سگهڙ: هان فقير ۽ پرپور شاه- ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.

5- حضرت حمزه جو مسلمان ٿيڻ (نظم) - حافظ محمد احسن.

6- شاه جي سنڌي - اسدالله شاه اسد.

7- معلومات: ميمڻ قوم - مولائي شيدائي.

8- مرحبا روح ادب (نظم) - ڪريم بخش چنہ.

9- واقعات عالم - محمد خان غني.

10- مشاهير سنڌ: مراد علي ڪاظم جي خودنوشت سوانح حيات.

11- غزل - بلاول پرديسي.

12- رات جو وقت (نظم) - شاهنواز شاه ٽڪڙائي.

13- ڳائي تہ ڏس (گيت) - محمد خان غني.

14- گيت - بردو سنڌي.

15- سير و سياحت - بچل شاه.

16- پهاڪا پڙه (نظم) - احمد خان آصف.

17- باب التواريخ: فيروز شاه جي لٺ - محمد خان غني.

18- غزل - راز بلڙائي.

19- قيدي (افسانو) - محمد خان غني.

20- فوٽو: سرشار عقيلي (ٻين بہ انن شاعرن جون تصويرون بنا نالي ڏنل آهن).

21- غزل - خادم صوفي.

22- بزرگان دين: سيد شاه داد شهيد - محمد عثمان ڪتياڻ.

23- ڪافي- محمد عثمان تورنگ زادو.

24- گردان 'مگرها' (مذاحيہ مضمون) - عبدالجبار شام [جوڻيجو].

25- غزل - بشير موريائي.

26- شاعري جا سبق - ادارو.

27- سنڌي اخبار جي شروعات - موتيرام ڏامون مل.

28- اسان جون ادبي محفلون: بزم احباب ڪراچي جي مشاعري منعقد پهرين ڊسمبر 1954ع جي رپورٽ ۽ سرشار عقيلي، ساجد سرشاري، علي محمد خالدي، محمد دائود بن غني، طفيل عقيلي، علي محمد اسير ۽ امير بخش امير جو غيرطرحي ۽ طرحي ڪلام.

29- نظم - محمد عابد ابڙو.

30- نظم - حڪيم لالا آنند پرڪاش.

31- ميزان عدل - عاجز نقوي.

32- اعلان.

## جلد: 1 نمبر: 4 فيبروري 1955ع

1- پنهنجون ڳالهيون - اسدالغني.
(اپريل جي پرچي مخدوم نوح نمبر جو اعلان)
2- طرح: پڇ پرين کان هو ڪڏهن منهنجي پوئواري ڪندا. تي ڪلام طالب المولي، محمد خان غني، نواز علي نياز، اسدالغني، علي محمد خالدي ۽ حافظ احمد لاڪو.
3- حسن علي آفنديءَ جو فوٽو.
4- فن تاريخ ۽ مؤرخ جا فرائض: ابن خلدون جي روشني ۾ - غلام محمد گرامي.
5- سارنگ (نظم) - محمد خان مجيدي.
6- ميمڻ قوم - مولائي شيدائي.
7- شاعريءَ جو پهريون سبق- سرشار عقيلي (اڻ ڇپيل ڪتاب 'سنڌي موزون شاعري' تان ورتل).
8- نظم - فضل الحق فضل.
9- ڪافي - محمد خان غني.
10- ياسمين (افسانو) - نثار مرزا پوري.
11- نظم - انيس مهيري.
12- اسان جي ادب جا اسان جي تهذيب تي اثر- سراج بسمل.
13- روح ادب (نظم) - راز بلڙائي.
14- تان سين - محمد علي اختر مورائي.
15- آه آتشين (نظم) - رسول بخش خمار.
16- ادب ۾ ڏند ڪٿائن جي اهميت - عبدالقيوم صائب.
17- سؤ قبن سان مسجد - چنم شبير ناز.
18- نظم - محمد رمضان ميمڻ رضا.
19- غزل - ثاقب سرشاري.
20- سنڌي هڪ قديم ۽ باعظمت زبان آهي - اي ڪي بروهي.
21- نظم - احمد خان اختر.

22- صاحب جو شڪار (افسانو) - محمد خان غني.

23- سائنس - احمد خان اختر.

24- نواب زينت محل - محمد حسن قريشي برق.

25- بچي يوسف - ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.

26- سڪ سچي - تاج محمد مگريو.

27- ڪلام - مولوي محمد نورنگ زادو.

28- ڪلام - احمد خان آصف.

29- سنڌي اخبار جي شروعات (2) موتيرام ڏامون مل سوليجي.

منهنجي معلومات موجب اِهي ٿي چار شمارا نڪتا ۽ مالي مشڪلات سبب رسالو بند ٿي ويو.

**شاعر:** هي رسالو بہ مخدوم صاحب جي سرپرستي ۾ نڪتو. رسالي جي اجراء مان ئي مخدوم صاحب جن جو موسيقيءَ ڏانهن دلي لاڙو ظاهر ٿئي ٿو. هِن جو پهريون پرچو 'موسيقي نمبر' ٿي نڪتو. هن رسالي جو ايڊيٽر مولانا غلام محمد گرامي هو. جيڪو ڇهن پرچن تائين هليو. اُن کان پوءِ انتظامي تبديليون ٿيون ۽ حافظ شاه 'ناطق' حسيني ايڊيٽر ٿيو. روح ادب وانگر شاعر بہ پنجن اشاعتن کان پوءِ بند ٿي ويو. پهريون پرچو بہ- ماهي جون جولاءِ 1956ع امين منزل حيدرآباد مان شايع ڪيو ويو. شمارن جو وچور هن ريت آهي:

### جلد: 1 نمبر: 1 جون- جولاءِ 1956ع

1- عرض حال.

2- شاعر (اقتباس) - علامہ آءِ آءِ قاضي.

3- شعر (اقتباس) - علامہ عمر محمد دائودپوٽو.

4- شاعر - هري دلگير.

5- شاعر - جهامنداس ڀاٽيہ.

6- موسيقي - ابوالڪلام آزاد.

7- راڳ وديا - اُڌارام آسرائي.

8- سُر آڌيا ۽ تال اڌيا.

9- اسان جا ساز ۽ راڳ (ادارو).

10- موسيقي - علامہ قاضي.

11- عربي موسيقيءَ جو يورپي موسيقي تي اثر.

12- بيجو باورا ۽ راڳ (ادارو).

13- غزل - طالب المولى، سرشار عقيلي، هري دلگير، مرزا همايون بيگ، شمشير الحيدري، محبوب سروري ۽ شبير تکڙائي.

14- نظم - جوش، تنوير عباسي ۽ عزيز الله مجروح.

15- گيت - محمد خان غني، خادم سروري.

16- قطعو - عبدالقيوم صائب.

17- بيت - عبدالجبار شام [جوڻيجو].

18- ڪافي - عارف المولى.

19- پيغام.

20- منهنجي پسند، شعر ۽ حوالا - طالب المولى.

21- وفات ناما - خاڪا - اسدالله شاھ.

22- تاريخ جو هڪ ورق - مولائي شيدائي.

23- سہ حرفي لفظن جو استعمال (ادارو).

24- غلط لفظن جو استعمال (ادارو).

## جلد: 1 نمبر: 2 آگسٽ کان آڪٽوبر 1956ع

هي سماهي پرچو آهي. باني ۽ سرپرست مخدوم طالب المولى صاحب ۽ مدير مسؤل غلام محمد گرامي.

1- اداريو.

2- پيغام - علامہ آءِ آءِ قاضي.

3- سلام ۽ سنيھا.

4- ڪافي ۽ اُن جو تجزيو- مخدوم محمد زمان طالب المولى.

5- ملھار ڳائڻ تي مينهن وسي سگهي ٿو - ضياءُ الدين بلبل.

6- پراڻو ۽ نئون ادب - (ادارو).

7- سنڌي شاعر - ع. ق. شيخ.

8- خاڪا (طالب المولي، ميران محمد شاه، سرشار عقيلي، غلام محمد گرامي، محمد خان غني، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ دين محمد اديب جا) آسد ٽکڙائي.

9- تاريخ شاعري جو هڪ ورق - مولائي شيدائي.

10- غير قافيہ شاعري (ترجمو ۽ اقتباس) فراق گورکپوري.

11- سہ حرفي لفظن جو شعرن ۾ استعمال - ادارو.

12- لفظن جو شعر ۾ غلط استعمال- ادارو.

13- آرٽ (افسانو) - سلطان سڪندري.

14- ڪافر (افسانو) - بشير صابري.

15- هڪ ڏينهن جو واقعو.

16- ڪراچيءَ جون سونيون راتيون.

17- جواب طلب.

18- چند هٿ آيل سنڌي بيت - طالب المولي.

19- سنڌي قافيا سندن حرڪات ۽ سڪنات - ادارو.

20- ڪتابن تي تبصرا.

21- بزم مشاعره - تماشبين.

22- چا طبلہ ۽ ستار جو موجود امير خسرو آهي؟

23- وفات ناما.

24- گيت، نظم ۽ غزل، طالب المولي، ڊاڪٽر ابراهيم خليل، سرور علي سرور، محمد خان غني، همايون بيگ فائق، حافظ حسيني، عبدالله خواب، شبير ٽکڙائي، محبوب سروري، گل نصرپوري، راز بلڙائي، تنوير عباسي، اسدالله شاه، حسين بخش خادم اويس سروري، ميران محمد شاه، عبدالقيوم صائب، بردو سنڌي، عبدالحڪيم جوش ۽ خادم لاڙڪاڻائي.

25- اسان جا رسالا - مهراڻ ۽ نئين ڪيتيءَ تي تبصرا.

## جلد: 1 نمبر: 3 اپريل کان جون 1957ع

1- ايڊيٽوريل

2- خَطَ

3- شعر ۽ شاعر، مرتب - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

4- بلئنڪ ورس - ڊاڪٽر جانسن/ مرزا ياس يگانہ چنگيزي.

5- علم عروض جا اصول - سرشار عقيلي.

6- سنڌي زبان جي سڌاري لاءِ ڪجهہ رٿون - طالب المولي.

7- اُچار ۽ تلفظ- ادارو.

8- تاريخ شاعري جو هڪ ورق - مولائي شيدائي.

9- ناسيہ (افسانو) - عزيز قنڌاري.

10- خودڪشي کان اڳ ۾ - فضل رحيم سومرو.

11- حصہ نظم:

طالب المولي، احسن، حسين بخش خادم، برده سنڌي، سرشار، علي بخش ڪوثر، عبدالله خواب، محبوب سروري، محمد حسن ساز، پرسرام ضيا، گل حسن ڪربلائي، اسدالله اسد، شبير ٽڪڙائي، محمد چٽل فدا، لطف الله بدوي، سرور علي سرور، هري دلگير ۽ ليکراج عزيز.

12- جميعت الشعراء جي تنظيم - محمد علي جوهر.

13- سرگرميون.

## جلد: 1 نمبر: 4 جولاءِ کان ڊسمبر 1957ع

هن شماري تي نمايان طور "رفيق حيات اشاعت خصوصي شاعر" لکيل آهي. مخدوم صاحب جي وڏي فرزند مخدوم زاده محمد امين (فهيم) جي شادي خانہ آبادي تي يادگار طور شايع ڪيو ويو. هن شماري جو مرتب بہ گرامي صاحب آهي. ضخامت 275 صفحا.

1- بہ اکر - طالب المولي.

2- شاديءَ جي موقعي تي مخدوم طالب المولي جو فوٽو.

3- عورت لاءِ بہ لفظ - قائداعظم.

4- عورت - ابوالڪلام آزاد.

5- عورت - عزيز قنداري.

6- عورت ۽ قديم سماج - مولائي شيدائي.

7- عورت ۽ مرد جي حيثيت قرآن جي نظر ۾ - غلام احمد پرويز.

8- اسلام ۽ عورت - مولائي شيدائي.

9- شاديءَ جي باري ۾ - گرامي.

10- شاديءَ مشعل راه - ايس. بي . وائڊ.

11- دوستانہ شادي - انيس ڪوشل.

12- مختلف ملڪن ۾ شادين جا سونھن ۽ ساٿ - علي ناصر زيدي.

13- سماترا ۽ انڊونيشيا ۾ شادين جون رسمون - محمد مصباح الدين احمد.

14- مصر ۾ شاديءَ جون رسمون - جميلہ.

15- روس ۾ شادي - محمد عثمان ڏيپلائي.

16- سنڌي شادي ۽ ان جا سونھن ساٿ - ولي محمد طاهرزادو.

17- سماٽ قوم جي شادي ۽ ان جا ساٿ - محبوب سروري.

18- سنڌي ڪنوار ۽ ان جا زيور - ولي محمد طاهرزادو.

19- ڇا پردو ملڪ جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهي - پروين رضوي.

20- مغربي تهذيب ۽ عورت - مهدي علي صديقي.

21- پاڪستاني عورتون : قسمر.

22- پاڪستاني عورت - فضل رحيم سومرو.

23- پرديس کي ڇڏي ديس ۾ ڏسو - محمد شاه لطيفي.

24- عرب ۾ ٻانهين جي تجارت - جون ليفن.

25- موراڪو جي بي ۽ شهزاده بربر جا حرم خانا- برنارڊ نيومن.

26- عورت (نظم) - ضياءُ الدين بلبل.

27- مرد (نظم) - رحيم بخش هوش.

28- حضرت مخدوم نوح (اداره).

29- حالات حضرت مخدوم غلام محمد (اداره).

30- حالات حضرت مخدوم غلام حيدر (اداره).

31- سوانح حضرت مخدوم طالب المولیٰ (اداره).

32- طالب المولیٰ هڪ عظيم شخصيت (اداره).

33- گهوٽ (محمد امين فهيم) جي سهري سان تصوير.

34- گهوٽ کي والد جي منظوم دعا.

35- گهوٽ جي سوانح عمري.

36- تقريب نڪاح جو فوٽو.

37- درگاهہ مخدوم نوح اڳيان گروپ فوٽو.

38- ٻہ ٻيا فوٽو.

39- ايڊيٽر (گرامي صاحب) طرفان منظوم مبارڪباد.

40- قطعہ تاريخ - اديب فيروز شاهي.

41- قصيده دعائہ فارسي.

42- قصيده - مولوي محمد پنوي خادمؔ (فارسي).

43- سَهرو - حافظ شاه حسيني.

44- ڪچهريءَ واري بنگلي ۾ فوٽو: مخدوم طالب المولیٰ گهوٽ ٻيا دوست (مشاعرو).

45- گرامي صاحب جو فوٽو.

46- سَهرا - طرح مصرع: رخ دلدار تي ڪهڙا نہ سهڻا تا سونهن سهرا (ڪُل 24 سهرا).

47- فوٽو سرشار عقيلي.

48- نوح سرور (نظم) - غلام محمد گرامي.

49- فوٽو ميران محمدؔ شاهہ.

50- فوٽو حسين بخش خادم.

51- غير طرحي ڪلام (ڪُل 9 شاعر).

52- طرح سَهرا (حصو ٻيو) 12 سَهرا.

53- شاعرن جون تصويرون.

54- سنڌي ادبي بورڊ جو تعارف ۽ اُن جي ڪتابن تي تبصرو.

55- سنڌي ادبي سوسائٽي جو تعارف ۽ ڪتاب- " ڪلام گرهوڙي" تي تبصرو.

56- ڪتاب "ڍولا مارو" تي تبصرو.

57- ڏيپلائيءَ جي ڪجهه ڪتابن جو تعارف.

58- ٻين ادارن جي ڪتابن جو تعارف.

59- آخري گذارش جي سري هيٺ سنڌي رسالن جو تعارف.

60- بزم طالب المولي جي تنظيم جي باري ۾ معلومات.

**جلد: 1**

هن شماري کي حافظ شاهه ناطق جي ادارت ۾ جميعت الشعراء سنڌ جو "مجموعه شعر و ادب" ڪري شايع ڪيو ويو. اڳوڻي انتظاميه تي اشارتاً حرف رکيو ويو آهي، عرض حال ۾ به نئين دور بابت لکيل آهي ۽ ائڊريس به ٽنڊي محمد خان جي ڏنل آهي.

1- مقدمه شعر و شاعري – حالي.

2- تغزل – ظهير ڪاشميري.

3- سائي روشني (افسانو) – ترجمو شبير هاتف.

4- حصه نظم: طالب المولي، اسدالله بيخود. راز بلڙائي، غلام رسول سوز. شاهين اظهر گيلاني، هدايت تارڪ ۽ امداد حسيني.

5- حاضر جوابي – ساقي سجاولي.

6- هاري (ڊرامو) – اسدالله بيخود.

هن پرچي جو معيار به گهٽ آهي ۽ ترتيب به اڳوڻن پرچن کان مختلف آهي.

ڊاڪٽر غلام حسين پنهوَر

# شاهه جي ڪلام ۾ روحاني حسن

حسن جي فطري خوبي اها هوندي آهي تہ هو جنهن بہ حواس تائين پهچي انهي کي پاڻ ڏي ڪشش ۾ رکي. ٻين لفظن ۾ حسن کي ڪشش هوندي آهي. جيڪا ڏسندڙن کي پاڻ ڏي متوجه ڪري ٿي. حسن کي عام طور تي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: هڪ فطري حسن ۽ ٻيو غير فطري يعني اهو حسن جيڪو ڪنهن کي فطرت ڪان مليل هجي ۽ ٻيو جيڪو هٿ سان حسن پيدا ڪيو وڃي. فطري حسن ۾ زندگي ۽ تازگي هوندي آهي. جيڪا انهي ۾ حسن جي اهليت کي زنده رکندي آهي. ليڪن ٻي مصنوعيت هميشہ اصليت کي زنده نہ رکندي آهي پر اها اصليت کي لڪائي مصنوعيت کي ظاهر ڪندي آهي جنهن ۾ حقيقت ڪارفرما نہ هوندي آهي ۽ فطري حسن ۾ حقيقت ڪارفرما هوندي آهي. جيڪا حقيقت جو اظهار هوندي آهي. تنهن ڪري حقيقي حسن جي ڪشش عشق جي حد هوندي آهي. انهي ڪري چئبو تہ جتي فطري حسن هوندو. اتي عشق ضرور ڪارفرما هوندو. جيئن چڪمڪ جي خوبي ڪشش هوندي آهي، تيئن حسن جي خوبي بہ ڪشس هوندي آهي. ليڪن جتي حسن هوندو. اتي انهيءَ جي حد بہ مقرر هوندي ۽ انهي حد تي عشق ضرور ڪارفرما هوندو آهي ۽ اهڙي ريت جيترو حسن وڌيڪ هوندو اوترو عشق وڌيڪ هوندو ۽ انهي ۾ پختگي بہ اوتري هوندي آهي. عشق بہ ڪامل هوندو. پر حسن ڪامل فقط حق حقيقي ۾ ملي ٿو. تنهنڪري عشق بہ اهوئي ڪامل آهي جو حق حقيقي سان تعلق رکي ٿو.

صوفين جو عشق الله لاءِ هوندو آهي. جيڪو حقيقي ۽ حق آهي تہ پوءِ جنهن ۾ الله جو جلوو ۽ حسن يا نور نظر اچي ٿو انهي سان صوفي محبت ڪري ٿو ۽ انهي ۾ ئي هن جي اصليت هن کي نظر اچي ٿي جيئن شاهه چوي ٿو تہ:

جيڏانهن ڪريان پرک، تڏانهن سڄڻ سامهون.

وري چوي ٿو ته:

پاڻه جل جلاله، پاڻه جان جمال
پاڻه صورت پري جي، پاڻه حسن ڪمال
پاڻه پير مريد ٿئي، پاڻه پاڻ خيال
سڀ سيوئي حال، منجهائي معلوم ٿئي.

صوفي جڏهن حقيقت کي محسوس ڪري ٿو تڏهن هر شيء ۾ فطرت جو حسن ڏسي ٿو ۽ انهي جو جلوو پسي، انهي سان محبت ڪري ٿو. انهي لاء چيو وڃي ٿو ته "صوفين جو محبوب حق حقيقي آهي سندن عشق پاڪيزه آهي هن جي نظر ۾ هر اهو حسن نظر اچي ٿو جيڪو پاڪ آهي. جيئن شاه چوي ٿو ته:

مونکي اکڙين، وڌا تورا لائيا
ته پڻ پرين پسن، ڪٿا جي ڪر سامهون.

جيئن ته فطري حسن ۾ محبوب حقيقي جي نور جون تجليون هونديون آهن. تنهن ڪري صوفي حقيقي حسن جا عاشق هوندا آهن. انهي جي سارام ڪان سواء رهي نه سگهندا آهن ۽ هنن جي نظر ۾ حقيقي حسن جي هر خوبي انهيء جي اهميت ۽ انهي جو قدر هنن جي علم جي ميزان ۾ ترندو رهندو آهي ۽ اهو وزن الله سان عشق رکندڙن لاء ايترو ته وزني هوندو آهي جنهن جي ڪا انتهائي نه هوندي آهي هي سڄو وقت انهي جي قدرداني ڪندي نه ڍاپندا آهن جنهن جي ڪا انتها نه هوندي آهي. تن بابت شاه چيو آهي ته:

لوچان ٿي لاحد ۾، هادي لهان نه حد
سپيريان جي سونهن جو، نڪو قد نه مد
هن سڪڻ بي عدد، هت پري پروا ناه ڪا.

ڪشش ۽ خواهش ئي هوندي آهي جنهن جي محبت حاصل ڪرڻ لاء يا خواهش کي پوري ڪرڻ لاء وري قرباني ڏيڻ درڪار هوندي آهي. جنهن لاء تڪليفون برداشت ڪرڻيون پون ٿيون، ۽ انهن کان پوء به ڪڏهن ڪاميابي ٿئي ٿي ته ڪڏهن ناڪامي. پر نااميد نه ٿيڻ گهرجي نه ئي بيصبر ٿيڻ گهرجي ڇو ته تصوف ۾ اهي

ٻئي ڳالهيون ڪفر ۾ شمار ڪيون وڃن ٿيون جنهن لاءِ شاهه فرمايو آهي تہ:

جن کي دورو درد جو، سبق سور پڙهن،
فڪر ڦرهي هٿ ۾، ماٺ مطالع ڪن،
پنو سو پڙهن، جه ۾ پسن پرين کي.

انهي لاءِ صوفي ڏيڻ تي رنج ٿيندا آهن ۽ نہ ڦيڻ تي خوش ٿيندا آهن جنهن لاءِ شاهه چوي ٿو تہ:

ڏني ڏکويا، آڻ ڏني راضي ٿيا،
صوفي تي ٿيا، جن ڪين ڪنيائون پاڻ سين.

جيڪڏهن ڪنهن صوفي کي حقيقي حسن جي پرک جي قوت نہ هوندي آهي تہ پوءِ هو ظاهر يا جسماني حسن جي تعريف ڪندو آهي، انهي لاءِ تہ پاڻ کي ذهني طور تي حقيقي حسن کي سڃاڻڻ لاءِ تيار ڪري سگهي ۽ اهڙي ريت هي دنيوي حسن مان حقيقي حسن کي ڳوليندو آهي. جڏهن دنيوي حسن کي چڱي ريت سڃاڻي وٺي ٿو، تڏهن هن کي حقيقي حسن کي سڃاڻڻ جو رستو ملندو آهي جيڪو هن جو مقصد هوندو آهي. انهي ڪري دنيوي عشق جي مدد سان حقيقي عشق کي حاصل ڪن ٿا ۽ دنيوي عشق ۾ حقيقي عشق کي ڳولين ٿا.

حسن جي معنيٰ آهي تہ "اهڙي شيءِ جيڪا تمام بيحد پياري ۽ سزاوار حمد و ستائش هجي" جنهن ۾ ڏسندڙ يا محسوس ڪندڙ کي هيٺيون ڳالهيون حاصل ٿين:-

پهريائين اکين کي فرحت ڏيندڙ انتهائي طمانيت بخش ۽ سرور انگيز هجي، ۽ اها فرحت سڀ حواس، قلب، روح ۽ نفس محسوس ڪري. انهي کي اصطلاحن قرة العين چيو وڃي ٿو.

ٻيو اهڙو مشاهدو جيڪو سچو خالص هجي، جنهن جو مقصد حڪيماڻو ۽ فڪري هجي ۽ جيڪو جمالياتي هجي، جنهن مان جمالياتي حظ، سرور ۽ سوز بہ ملي. اهڙي مشاهدي کي اصطلاحن مشاهده بالحق چيووڃي ٿو.

جمالياتي حظ ۽ سرور مان مراد خالص لذت ۽ مسرت آهي جنهن جي ڪري حواس، قلب، نفس ۽ روح کي طمانيت سرور انگيز فرحت پهچي.

جمالياتي درد ۽ سوز جو وري مطلب آهي تہ خالص سرور انگيز غم ۽ محبت جيڪا محبت ڪندڙ کي يا طالب کي محبوب کان يا مطلوب کان ملي ٿي ۽ جنهن جي ڪري هن جو تزڪيہ نفس ٿئي ٿو.

دنيوي جيڪو بہ ڏک ۽ سوز ملي ٿو انهي سان دل کي اذيت ملي ٿي پر جمالياتي درد ۽ سوز مان قلب کي مزو حظ حاصل ٿئي ٿو هن جو تزڪيہ نفس ٿئي ٿو ۽ زندگي جي لذت، جمال ۽ جلال جو سرور ۽ فرحت محسوس ٿئي ٿي جيئن شاه فرمايو آهي تہ:

ڪاتي تکي مَ ٿئي، منيائي هوءِ،
مان ور من توءِ، مون پريان جا هٿڙا.

انهي ڪري چيو ويندو آهي تہ ذوق حسن جمالياتي ذوق آهي، جنهن سان سوز نہ پر سرور، مصيبت نہ پر صحت حاصل ٿئي ٿي، جيئن شاه جو بيت آهي تہ:

سور جنين کي سرٺو، سري تن صحت،
مٺي مصيبت آهي عاشقن کي.

ذوق حسن مان مراد جمالياتي ذوق آهي، جيڪو قدرت جي جمال ۽ جلال مان ملي ٿو. جيئن قدرت هر شئي جا جوڙا خلقيا آهن، تيئن ذوق حسن ۽ جماليات ۾ بہ سرور ۽ سوز جا جوڙا آهن، جنهن ۾ اثباتي (Positive) ۽ منفي (Negative) قوتون هونديون آهن. اهڙي ريت قدرتي صفتن ۾ جمال ۽ جلال بہ قوتون آهن جنهنجي گڏيل نالي کي يعني جوڙي کي حسن سڏيو ويو آهي.

جمال ۾ جيڪي قدرت جون خوبيون آهن سي آهن،

محبوبيت، معبوديت، لطافت، نزاڪت، عفت، حيا، محبت، رحمت، قدسيت، طهارت، غنا ۽ صمديت جون صفتون گهڻيون هونديون آهن. اصل ۾ جمال ۽ جلال، ٻئي حسن جا صفاتي عنصر آهن. جماليت مان سرور ملي ٿو، جلال ۾ وري قدرت جون هي خوبيون ملن ٿيون يا شمار ڪيون وڃن ٿيون:- عظمت، ڪبريائي، خوف، دٻدٻو، وسعيت هيبت، جبرويت، قهريت، جباريت، سبحانيت ۽ ربوبيت وغيره. جلاليت مان سوز حاصل ٿئي ٿو.

قرآن حڪيم ۾ رڳو ٻن حواسن جو ذڪر ملي ٿو جيڪي جمالياتي

بہ شريڪ نہ آهي ۽ هي هڪ ئي رب العالمين ۽ اڪيلو سڀني جو الله آهي.

صاحب نظر انسان اهو هوندو آهي جيڪو ذوق ۽ شوق رکي ٿو. جنهن ۾ جمالياتي حسن زنده آهي ۽ هو حسن ۽ انهي جي لذت کان آشنا هوندو آهي ۽ انهي جي آرزو ۽ جستجو رکندو آهي.

اهل درد اهو انسان آهي جيڪو جمالياتي غم ۽ محبت رکي ٿو جيڪو انسانيت يا پوري مخلوق جو غم يا محبت رکي ٿو ۽ انهي کي انفسي ۽ آفاقي جمالياتي غم ۽ محبت سان تعبير ڪيو ويندو آهي ڇو تہ اهو حسن حقيقي جي حوالي سان هن جو حسن خالص ۽ سچو غم يا محبت هوندي آهي. تنهنڪري انهي غم کي يا محبت کي جمالياتي حسن چئون تہ بيجاءِ نہ ٿيندو.

سالڪ معنيٰ اهو انسان جيڪو پنهنجي خوش اخلاقي سان پٿر کي باٿي بنائي. لوهہ کي ميڻ بنائي، باه کي گلزار بنائي، خزان کي بهار بنائي ۽ ظالم کي رحم دل بنائي.

صاحب حسن و سرور مان مراد اهو انسان هوندو آهي جنهن جو باطن يا ذات حسن نور سان منور ۽ طمانيت ۽ مسرت سان معمور هجي ۽ انهي کي جمالياتي انسان بہ چئي سگهون ٿا ۽ اهوئي مرد ڪامل مثالي انسان هوندو آهي.

محسن اهڙي انسان کي چيو وڃي ٿو جيڪو صاحب حسن خلق و مرد ڪامل هجي. احسان ڪرڻ هن جو شعار هجي ۽ پنهنجي فرض کي سهڻي نموني سان پايه تڪميل تائين پهچائڻ جو عادي هجي. لفظ احسان جو مطلب آهي اهڙو احسن سلوڪ ڪجي جيڪو ٻين کي مطمعين ۽ خوش ڪري.

احسان جا بہ جمالياتي مقام آهن جنهن مان هڪ مقام "مشهوديت" چيو وڃي ٿو ۽ ٻئي کي "شاهديت" سان تعبير ڪيو وڃي ٿو. مشهوديت تي فائز انسان پنهنجي الله جي نظر ۾ هوندو آهي ۽ بندي کي انهي حقيقت جو احساس ۽ شعور هوندو آهي. انهي کان اعليٰ مقام شاهديت جو آهي جنهن ۾ بندي جو منظور نظر هن جو الله هوندو آهي ۽ هن کي دوستي جي سعادت عظمت حاصل هوندي آهي.

صالح هڪ جامع ۽ مانع اصطلاح آهي. هنجي معني آهي تہ اهڙو انسان جو

تعاليٰ انسان کي باطني حسن جي انتهائي لطف و ذوق پرکڻ جو نظام ڏنو آهي جيڪو آزاد ۽ خودمختيار آهي. اهو جمالياتي حسن آهي جنهن ڪري انسان جمالياتي مشاهدو ڪري ٿو ۽ جمالياتي قدر مقرر ڪري ٿو ۽ انهن مان جمالياتي حظ ۽ سرور، درد ۽ سوز ۽ جمالياتي ثروت حاصل ڪري ٿو ۽ اهو سڀ الله جي مرضي مطابق ٿئي ٿو يعني رضا الهي تحت.

قدرت جوپورو نظام آزاد ۽ خودڪار آهي. اهو به هڪ جمالياتي حسن آهي جنهنجو انسان جمالياتي مشاهدو ڪري، جمالياتي قدر مقرر ڪري ٿو. انهي مان جمالياتي حظ ۽ سرور، جمالياتي درد ۽ سوز ۽ جمالياتي ثروت حاصل ڪري ٿو. پر انهي لاءِ باطني ۽ جمالياتي حسن ٻنهي جو هئڻ ضروري آهي. بغير ٻنهي جي حسن جو مشاهدو نه ٿيندو نه جمالياتي ٽڪراءُ ٿي ٿيندو. انهي لاءِ ٻنهي جي لاءِ ظاهر ۽ باطن جي هستي ضروري آهي.

انسان جا حواس، قلب، نفس ۽ روح سڀني جي خارجي محبت جومرڪز، سرور ۽ سوز آهي. روح کي هميشه سڀني ڪان سٺي جي طلب ۽ جستجو رهندي آهي ۽ انهيءَ راز کان فقط انساني سليم عقل، حسين قلب ۽ وجدان آگاهه هوندو آهي جو نه اصل مقصد هي آهي ته انساني روح جي خوب کان خوب تر جي طلب ۽ جستجو جي آرزو تي الله مضمر هوندو آهي، جيڪو حسن محض آهي ۽ يڪتا آهي. روح جيئن ته پنهنجي خارجي حسن و عشق (الله) جو شاهد آهي انهي لاءِ انهي آرزو ۽ جستجو ۾ رهي ٿو ۽ دنيوي حسين شين سان پيار ڪري ٿو ۽ انهي ۾ پنهنجي رب ۽ خالق جو پرتو ڏسي ٿو. تنهن ڪري انسان لاشعوري طور تي ڪشش ۾ رهي ٿو ۽ حسين کان حسين تر جي تلاش ۾ رهي ٿو. دراصل انهي ۾ الله کي ڳولي ٿو ۽ الله جي حقيقي حسن کي روح ڏسڻ چاهي ٿو جنهن کان جدا ٿي هن دنيا ۾ اچي ٿو، اهڙيءَ ريت خارجي دنيوي شين مان پنهنجي حقيقي باطني روحاني حسن کي تلاش ڪري ٿو اهائي هن جي جستجو ۽ تلاش هوندي آهي. حسن هر حال ۾ روح کي محبوب ۽ مطلوب آهي پوءِ چاهي اهو شڪل ۽ صورت ۾ هجي، چاهي قد و قامت، رنگ و بوءِ، آواز و آهنگ، ناز و انداز ۾ جلوه گر هجي ڇو ته روح جي الله لاءِ عظيم طلب جيڪا هن لاءِ گران قدر نعمت آهي سا جستجو ئي حسن آهي. جنهن ۾ هي

پنهنجي رب جميل خالق ۽ رحيم کي ڏسڻ چاهي ٿو ۽ انهي جي ڪري ئي انسان اهل ذوق، عالم و حڪيم، اهل درد ۽ صاحب حسن و سرور، محسن و صالح، شهيد و صديق، شاهد و مقرب ٿئي ٿو ۽ انهي درجي تي تڏهن پهچي سگهي ٿو جڏهن پاڻ ۾ الله جي جماليات کي سڃاڻڻ جي اهل بنائي ۽ حقيقي حسن کي ڏسي سگهي. جڏهين انسان محبت ساڻ ڏسڻ لڳي ٿو، تڏهن هر شيء ۾ هن کي حسن نظر اچي ٿو ڇو ته جمالياتي مشاهدو محبت جي نظر چاهي ٿو ۽ جڏهن هن کي هر شيء ۾ حسن نظر اچي ٿو. تڏهين هي چا ٿو ڏسي. تنهن بابت شاه فرمايو آهي ته:

جيڏنهن ڪريان پرک تيڏهن سڄڻ سامهون.

وري چوي ٿو ته:

ڏسڻ ڏسين جي، ته همه کي حق ڇئين<br>
شارڪ شڪ نه ئين. انڌا انهي ڳال ۾.

حسن لافاني آهي ڇو ته هي روح وانگر هر شي ۾ مقيد آهي جيئن موت سان روح نه مرندو آهي بلڪ انهي کان آزاد ٿي وڃي ٿو، اهڙيء ريت شين جي مرڻ کان پوء حسن مري نٿو وڃي پر آزاد ٿيو وڃي. جيئڻ حق تي موت، حرام آهي ۽ حسن حق آهي تنهن ڪري حسن تي به موت حرام آهي ڇو ته جماليات حقيقت جو اظهار ۽ اعتراف آهي. حسن دين، اخلاقيات، تهذيب تمدن، عمرانيات، ثقافت علم حڪمت ۽ هنر و فن جي جمالياتي روح آهي ۽ ڪائنات جي هر عالم ۾ هر چيز ۾ جمالياتي روح موجود آهي تنهن ڪري هر شيء حسين هوندي آهي.

قدرت ڪائنات جي هر شي جميل و جليل دلڪش و نظر افروز لذت آفرين و سرور انگيز، راحت افروز، روح پرور، حيرت انگيز، بصيرت افروز ۽ تعجب خيز و معجزا نما تخليقي شهڪار ڪري بنائي آهي جيڪڏهن انهن ۾ جمالياتي روح نه هجي ته جيڪر هر شيء قبيح لڳي ها. حسن جمال و جلال، ذوق و شوق، ڪيف و مستي، سوز و ساز، لذت و سرور، عدل و احسان، محبت و رحمت، علم و حڪمت، احسن و خلق وغيره، سيني نڪتن جو سر چشمو آهي. بغير انهن جي نه سڄي دنيا هجي ها نه زندگي ڏسڻ جوڳي رهي آهي ۽ اهو حسن ئي آهي جنهن جي ڪري هڪ طرف دنيا جنت ۽ فردوس دلڪش قرة العين لڳي ٿي ۽ ٻئي طرف زندگي

ايتري تہ پياري بنائي آهي جو انسان دنيا کي ۽ زندگي کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهي. ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي تہ دنيا ۽ زندگي ۾ حسن کان سواءِ ٻيو ڪجھہ بہ نہ آهي ۽ روح کي بہ هميشہ دنيا جي هر شيءِ ۾ حسن جي طلب ۽ جستجو رهي آهي ۽ اهوئي هن جو محبوب مطلب ۽ مقصد رهيو آهي. دين بہ انسان کي سيکاري ٿو تہ اي انسان تون پنهنجي حسن يقين و عمل سان پنهنجي داخلي ۽ خارجي دنيا کي حسين بناءِ ۽ وڌ ۾ وڌ الله جي ڪائنات مان جمالياتي سرور حاصل ڪر ۽ خود بہ صاحب حسن و سرور ۽ اهل دين و نظر بنجي رهہ.

روحانيت جي لحاظ کان فلسفہ حسن جو مطلب صداقت، حڪمت ۽ تلاش آهي. علم جو مقصد حق آهي ۽ حق آئينہ حسن آهي. ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي تہ فلسفہ حسن جي علم جو مطلب ٿيو تہ علم جي صداقت ۽ حڪمت جي تلاش، ٻين لفظن ۾ حق جي صداقت ۽ حڪمت جي تلاش ڪرڻ. حق جي صداقت ۽ حڪمت وري جماليات ۾ لڪل آهي. انهي لاءِ چيو ويندو آهي تہ جمالياتي ثروت اهل حسن و حق جي ميراث آهي، هي جتان بہ ملي اتان حاصل ڪرڻ گهرجي. قادر جي قدرت جي ڪائنات جميل و جليل آهي. هن جي هر شيءِ حسين آهي ۽ اها هن حسن الخالقين جي تخليق بالحق آهي جيڪو سيني جو رب آهي.

الله تعاليٰ رب العالمين آهي هن پوري ڪائنات کي خلقيو جنهن جي هر شيءِ حسين و جميل خوبصورت آهي انهي جو علم انسان کي مليل آهي، ۽ حسن کي سڃاڻڻ انهي جي صداقت ۽ حڪمت کي سڃاڻڻ بہ انسان جو ئي ڪم آهي. انسان وري روح ۽ نفس جو مليل عمل آهي، نفس ظاهر آهي ۽ روح باطن آهي انهي ڪري انسان جي اخلاقي سونهن سندس نفس يعني عمل مان ظاهر ٿئي ٿي. انهي لاءِ صوفين جو اصطلاح آهي تہ جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو يعني جنهن پنهنجي نفس جي حسن کي سڃاتو تنهن رب جي جماليات کي سڃاتو ۽ جنهن رب جي جماليات کي سڃاتو تنهن معرفت کي حاصل ڪيو.

روحانيت جو اصطلاح آهي تہ ڪتاب النفس و آفاق. نفس جو جمع النفس ۽ أفق جو جمع آفاق آهي. اهي ٻئي اهل نظر جي لاءِ حسن و حق، علم و حڪمت، فن و هنر، جمالياتي حقائق و معارف ۽ قانون فطرت جا آئينہ دار آهن. لهٰذا جيڪو

شخص پنهنجي نفس جو ڪتاب پڙهي وٺي ٿو انهي کي صاحب ڪتاب جي ذات وصفات جي معرفت حاصل ٿيو وڃي يا ائين چئجي تہ جنهن ڪتاب نفس کي پڙهيو انهي مان پاڻ کي سڃاڻي ورتو تنهن پنهنجي نظام نفس جي عليم، حڪيم، عزيز و قدير، خالق و قيوم، مدبر و منتظم، پروردگار ۽ مالڪ کي سڃاتو.

جيئن آفاق کي قانون فطرت چيو وڃي ٿو جيڪو پنهنجي مالڪ جي صفتن جو آئينہ دار آهي. جيڪو ڪائنات جي هر شيء ۾ جاري ۽ ساري آهي ۽ سندس سڃاڻپ انهي جو حسن آهي ۽ جنهن انهي سونهن کي سڃاتو تنهن انهي ۾ پنهنجي رب کي سڃاتو. جيڪا شيء پنهنجي حسين ۽ فطري حالت ۾ هجي انهي کي سليم چيو وڃي ٿو پوء چاهي اهو عقل ئي ڇو نہ هجي. جيڪڏهن ڪنهن شخص کي الله تعالىٰ جي طرفان حسن، حق ۽ نور و هدايت هوندي آهي تہ اهڙي شخص کي سليم چيو وڃي ٿو. اهڙوئي شخص الهي حسن کي سڃاڻي سگهندو ۽ انهي جو سرور ۽ سوز حاصل ڪري سگهندو. پر ڪي اهڙا بہ انسان آهن جن کي حسن جو مشاهدو ٿيندو نہ آهي يا حسن جو مشاهدو ڪري نہ سگهندا آهن، نڪي جمالياتي قدر جي تعين تشخيص ڪري سگهندا آهن. اهڙن شخصن کي حسن ڪور چيو وڃي ٿو (Beauty Blind) يا ائين چئجي تہ انهي کي جمالياتي حسن (Aesthetic Sense) نہ هوندو آهي ڪي وري جمالياتي ذوق کان محروم هوندا آهن.

حق اليقين، سڃائي، جمالياتي سرور ۽ سوز اهي مقام حسن جا آهن تنهن ڪري حسن ٿيو:-

(الف) جيڪا شي جمالياتي سرور ۽ سوز ڏي اها حسين آهي يعني هن ۾ حسن آهي اصل ۾ حسن صوري ۽ معنوي ظاهري باطني هر اعتبار کان هي پنهنجي سڃاڻپ پاڻ آهي.

(ب) حسن صورت و سيرت، ظاهر و باطن، الفاظ و معنيٰ، معروضي و موضوعي ۾ هي سڀني ۾ پنهنجو جلوو پيدا ڪري ٿو.

(ت) ڪنهن شيء جي حسن جمال و جلال، خوبصورتي ۽ زيبائي کي سڃاڻي وٺڻ انهي جي جمالياتي اثرن کي محسوس ڪرڻ.

(ث) هر معروضي حسن ۽ جمالياتي تخليق ۾ حسن جو تاثر هوندو آهي.

(ث) جمالياتي سرور ۽ سوز معنيٰ جمالياتي اثر.

(ج) جمالياتي سرور باطني فرحت، جمالياتي لذت، طمانيت و مسرت، ڪيف و سرور، وجد و حال جي فرحت ۽ مسرت.

لهذا هن کي جمالياتي درد غم به تعبير ڪيو وڃي ٿو مگر هن جي نوعيت جداگانه آهي. اها جمالياتي محبت آهي. جمالياتي محبت مان مراد عدل ۽ احسان، حسن و رحمت هوندي آهي.

جمالياتي سوز سان تزڪيه نفس ٿئي ٿو ۽ انهي سان انسان جي باطني نظام جي اصلاح ٿئي ٿي ۽ انسان پنهنجي اصل حسين حالت ۾ واپس اچيو وڃي جيڪا هن کي گهربل هوندي آهي.

حسن کي جيڪڏهن تاثيري اعتبار کان ڏسجي ته معلوم ٿيندو ته حسن جمالياتي سرور ۽ سوز ڏئي ٿو، جيڪو باطني ۽ خارجي لحاظ کان اضافي جمالياتي قدر آهي جيڪو ادراڪ بالحواس وّ قلب آهي.

جمالياتي قدر جي اصطلاحي معنيٰ آهي ته ڪنهن شيء جي حسن تي ذاتي صفاتي عنصر، جمال و جلال، حيات و قيوميت، رنگ و نور جي ڪيفيت جو انداز ڪري ليکيو ويو آهي. هي پنهنجي ذات ۾ حقيقت ۽ سچائي آهي انهي لاء مستقل ۽ دائمي آهي. جمالياتي قدر جو انحصار وري جمالياتي تکراء ۽ شهود ۽ جمالياتي مشاهدن جي ڪيفيت تي هوندو آهي. انسان حواس خمسه سان ۽ قلب، دل، و دماغ خصوصاً جمالياتي حسن و ذوق، عقل، ضمير ۽ حافظي جي مدد سان جمالياتي قدرن کي محسوس ۽ معلوم ڪري ۽ انهي جي اثرن کي قبول ڪري ٿو.

سالڪ هجي يا مغني يا شاعر هجي هرڪو پنهنجي حس هنر سان پنهنجي جمالياتي فني ۽ تخليق ۾ جمالياتي مؤزونيت پيدا ڪري ٿو ۽ پنهنجي جذبي، شوق سوز و ساز سان ان ۾ پنهنجو جمالياتي روح وجهي ٿو ۽ اهڙيء ريت هو پنهنجي فن ۾ حسن ۽ زندگي پيدا ڪري ٿو.

ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته حسن هڪ لطيف شيء آهي يا جمالياتي قدر آهي جو ظاهري، باطني، حقيقي، مجازي ۽ قرة العين آهي يا حسن اهو جمالياتي سرور ۽ سوز ڏين وارو جمالياتي حظ آهي جو باطني خارجي حقيقي ۽ مجازي آهي.

جماليات جا ٽي عنصر آهن؛

(1) جمال و جلال (2) حيات و قيوميت (3) رنگ و نور

جمال حسن جو هڪ لطيف عنصر آهي جيڪو هن جي صفت به آهي. حسن مان رڳو جمال مراد ورتي وڃي ٿي تنهن ڪري رڳو حسن ۽ جلال تي بحث ڪن ٿا. پر جمال تي نه. ۽ جلال کي حسن جو صفاتي ۽ ذاتي عنصر نه بلڪ هڪ جدا جمالياتي شيءِ ۽ قدر سمجهيو وڃي ٿو ۽ ادب ۾ به حسن ۽ جمال کي عمومن هڪ ئي شيءِ ڪري ورتو وڃي ٿو پر جمال حسن جو هڪ لطيف عنصر آهي جيڪو هن جي صفت به آهي.

جمال ۽ جلال ٻئي حسن جا صفاتي، ذاتي عنصر آهن ۽ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. جنهن مان جمال جي هڪ اهم خصوصيت شان محبوبيت آهي ۽ هن جون ٻيون صفتون آهن. لطافت، نزاڪت پاڪيزگي، جمالياتي ڪيف و سرور حيرت و مستي دل آويزي، نظر افروزي قره العين. هن جون امتيازي خصوصيتون آهن. هيبت، جبروت، عظمت و ڪبرائي. قهاريت جباريت. قوت و 'توانائي' رعب. شان و شوڪت، وسعت و رفعت، انهي ڪان سواءِ ٻيون هي صفتون آهن جيڪي جمال ۾ ملن ٿيون جي آهن؛ ڪيف و مستي، جمالياتي سرور و سوز نظر افروز و دلڪشي وغيره.

اهڙيءَ ريت جمال ۽ جلال جن شين ۾ نظر اچي ٿو تن مان ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا.

آواز ۾ لطافت ۽ نزاڪت. نرمي ۽ ميناج هوندو ته جميل آهي جيڪڏهن ڪج گوڙ آهي ته جليل آهي.

رات جي چانډوڪي ۾ جمال آهي ۽ سج جي آب و تاب ۾ جلال آهي.

عورت ۾ جيترو جمال وڌيڪ هوندو اوترو حسين لڳندي. جنهن لاءِ شاه چوي ٿو ته:

سرمون سياهي جو رنن کي رهاءِ
ڪاني ڪارائي جي. مڙس ٿي مرَ پاءِ
اکن ۾ اتڪاءِ لالائي لالن جي.

مرد ۾ جلال جيترو هوندو اوترو حسين لڳندو آهي، هن باري ۾ شاهه چوي ٿو تہ:

سرمون سرخي جو، جڏهن پاتو جن،
تڏهن ڏٺي تن، رونق ريٽي جهڙي.

جيئن تہ جمال ۽ جلال گڏ حسن جا عنصر آهن ۽ ٻنهي ۾ پنهنجي پنهنجي شخصيت. جمالياتي تقاضائن مطابق هوندي آهي پر مرد ۾ جلال جي جمالياتي قوت ۽ اثر موجود هوندو آهي ۽ عورت ۾ جمال جي جمالياتي قوت ۽ اثر موجود هوندو آهي، انهي کي جمالياتي تقدير چيو وڃي ٿو.

جيئن مادي ۾ صورت مضمر هوندي آهي ۽ صورت ۾ الله تعاليٰ جو نور مضمر هوندو آهي ۽ نور ۾ رنگ مضمر هوندو آهي انهي لاءِ چيو ويو آهي تہ نور ۽ رنگ ۾ حسن مضمر هوندو آهي ۽ هر رنگ ۾ نور ۽ هر نور ۾ رنگ مضمر هوندو آهي جيئن شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

ڪاري رات اچو ڏينهن اي صفات نور
جتي پرين حضور اتي رنگ نہ روپ ڪو.

مٿئين بيت ۾ شاهہ صاحب تمام سهڻي نموني ۾ حسن نور ۽ رنگ جي اهميت سمجهائي ۽ اهو بہ ظاهر ڪيو آهي تہ رنگ نور جون صفتون آهن پر جتي محبوب حقيقي آهي اتي نڪو رنگ ۽ نڪو روپ، اتي سونهن ئي سونهن آهي.

نور جا وري بہ قسم آهن: نور جمالي ۽ نور جلالي.

نور جمالي ۾ هيٺيون ڳالهيون شمار ٿين ٿيون:-

تقدس ۽ لطافت، نظافت، بهار و نزهت، عفت و معصوميت، طمانيت انگيز و دل آويزي، روح پروري و جان فزائي، قرة العين و محبوبيت.

نور جلال ۾ وري هي ڳالهيون شمار ٿين ٿيون:-

تب و تاب، جدت و نضاري، سوز، تمارت و حرارت، حيرت انگيزي و نظر افرازي.

جنهن شيء ۾ نور جمال وڌيڪ هوندو آهي انهي ۾ صفات جمالي هوندي آهي ۽ جنهن ۾ نور جلالي وڌيڪ هوندو انهي ۾ صفات جلالي هوندي آهي. نور

حسن آهي تنهن جي ڪري اندر ۾ تاثير پيدا ٿئي ٿو جنهن جي ڪري جمالياتي سرور ۽ سوز پيدا ٿئي ٿو. انهي مان مراد حسي، قلبي ۽ نفسي احساس ۽ تاثر آهي جيڪو جمالياتي شهود پيدا ڪري ٿو. اهو ائين سمجهو وجي ته جڏهن ڪو به شاهد ڪنهن ظاهري حسن يا حسين شيءِ کي ڏسي ٿو يا ٻڌي ٿو يا محسوس ڪري ٿو ته اتي هن جي اندر ۾ احساس ۽ تاثر بيد اٿئي ٿو. جنهن ڪري هن جو باطني حسن بيدار ٿئي ٿو ۽ اهڙيءَ ريت باطني ۽ ظاهري حسن جو ٽڪراءُ ٿئي ٿو. جو ته انسان جي اندر ۾ حسن موجود آهي، جنهن جو ٽڪراءُ ٻاهرين شين جي حسن سان ٿئي ٿو ۽ انهي ٽڪراءُ ڪري شهود پيدا ٿئي ٿو. جنهن ڪري جمالياتي مشاهدو ٿئي ٿو ۽ هن ۾ رڳو حواس ڪم ڪن ٿا جن ۾ هڪ ٻڌڻ ۽ ٻيو ڏسڻ، اهڙي ريت خارفي جمالياتي مشاهدي مان حواسن جي مدد سان جمال ۽جلال (حسن) مان جيڪا آسودگي طمانيت، سرور سوز حاصل ٿئي ٿو. تنهن کي جمالياتي حظ چيو وڃي ٿو. جيڪي ڪجهه جمالياتي مشاهدي مان حاصل ٿئي ٿو انهي ۾ خالص لذت ۽ حلاوت هوندي آهي ۽ اها لذت ۽ حلاوت تڏهن حاصل ٿئي ٿي جڏهن حسن لاءِ سچي خالص محبت هوندي آهي، جنهن کي جمالياتي محبت چيو وڃي ٿو (Aesthetic love) ۽ محبت جي شدت جو نالو عشق آهي. جڏهن عشق پيدا ٿئي ٿو تڏهن عقل جي اهميت عاشق جي اڳيان ڪجهه نه ٿي رهي پوءِ هر شي ۾ هن کي پنهنجو معشوق نظر اچي ٿو. اهڙيءَ ريت جڏهن انسان ۾ جمالياتي محبت پيدا ٿئي ٿي تڏهن هن جي نظر ۾ محبوب کان سواءِ ڪجهه نه هوندو آهي.

ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته خارجي حسن جي ڏسڻ سان انسان جو باطني حسن بيدار ٿئي ٿو ۽ ٻنهي جي ٽڪراءُ ڪري جيڪو تاثر بيدا ٿئي ٿو انهي جو اثر اندر ۾ قلب، دل ۽ نفس تي ٿئي ٿو. جيڪو باطني هوندو آهي جنهن جي ڪري اندر ۾ سرور ۽ سوز پيدا ٿئي ٿو. اهو تاثر جڏهن محبت ۾ شدت اختيار ڪري وڃي ٿو، تڏهن عشق جنم وٺي ٿو ۽ جڏهن عشق ڪامل ٿيو وڃي ٿو تڏهن ڏسندڙ جي اڳيان معشوق هوندو آهي ۽ انهي جو حسن هوندو آهي. ٻيو ڪجهه به هن کي نظر نه ايندو آهي. جنهن کي جمالياتي حظ چيو وڃي ٿو.

جمالياتي تاثير ۾ ڪهڙيون ڳالهيون اچي وڃن ٿيون تن جو مختصر ذڪر

هيٺ ڪجي ٿو:-

جمال: نزاڪت، لطافت، طهارت ۽ نظافت، محبوبيت، دلڪشي، جاذبيت، قرة العين، حيرت، الستعجاب، روح پروري، سرور انگيزي، ڪريمي، رحيمي، حلم و بردباري، عفو و درگذري، سعادت و دردمندي، شفقت و رحمت.

جلال: عظمت و ڪبريائي، قهاري و جباري، قوت و صلت، شجاعت، مردانگي، هيبت و جبرويت، رفعت و رقامت، حيرت و تعجب، ڪيف و مستي، بصيرت افروزي ۽ عبرت انگيزي وغيره.

مختصر تہ زندگي پنهنجيَ ذات ۾ امر آهي تخليقات ۾ خلق آهي ۽ نور ۽ رنگ سان صورت پنهنجو جلوه پيدا ڪري ٿي ۽ نور اصل ۾ نور حسن آهي ۽ انسان حسن جي خوب کان خوب تر جي آرزو ۽ جستجو ۾ رهي ٿو ۽ جڏهن اصل حسن جو جلوو پسي ٿو تڏهن هن کي انهي مان انتها سرور ۽ سوز ملي ٿو. جيڪو هن جي قلب ۽ دل ۽ نفس کي لذت پهچائي ٿو ۽ جڏهن انهي منزل تي پهچي ٿو تڏهن هن کي حسن سان محبت ٿئي ٿي ۽ جڏهن محبت انتها تي پهچي ٿي تڏهن عشق ۾ بدليو وڃي ٿي ۽ پوءِ هي پنهنجو حقيقي محبوب يعني حق (حسن) کي پرکي وٺي ٿو ۽ هن کي هر طرف الله جو حسن ۽ جلوو نظر اچي ٿو جيئن شاه فرمايو آهي تہ:

عاشق چوم ان کي، مَ ڪي چو معشوق
خالق چومَ خام تون، نہ ڪي چو مخلوق
سلج تهين سلوڪ، جو ناقصئا نگيو.

شاه جڏهن الله جي حسن جي تعريف ٿو ڪري تہ چوي ٿو تہ:

چنڊ تنهنجي ذات پاڙيان تان نہ پرين سين،
تون اچو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترين اهڙين آتم ڪهاڻين ۽ جيون ڪهاڻين سان ٻريل آهي. جن ۾ سنڌ جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جو چٽيءَ طرح احوال نظر اچي ٿو. هتي آتم ڪهاڻين کي اسين ڪيترن ئي قسمن ۾ ورهائي سگهون ٿا. جهڙوڪ تاريخي. سماجي. ثقافتي. مذهبي ۽ تعليمي وغيره. اهڙين آتم ڪهاڻين ۽ جيون ڪهاڻين کي جيڪڏهن هڪٻئي سان ملائي پڙهبو ته ڪئين واقعن جو تفصيلوار احوال ملي ويندو. مثال طور مرزا قليچ بيگ جي آتم ڪهاڻي سائو پن يا ڪارو پنو. ديوان ڏيارام گدومل جو جيون چرتر ۽ حسن علي آفندي جي جيون ڪهاڻي جيڪڏهن گڏجي پڙهبي ته 19 صديءَ جي پڇاڙي 20 صديءَ جي شروعات جي سنڌ جي سياسي. سماجي. ثقافتي. تعليمي ۽ ادبي زندگيءَ جو تمام چٽو احوال ملي ويندو ۽ هندو مسلم اتحاد ٽوڙي هندو مسلم تعلقات جي ٽٽڻ جا ڪارڻ به معلوم ٿي ويندا. خاص ڪري لارڊ رپن کي مانپتر ڏيڻ واري سوال تان ڏيارام گدومل ۽ حسن علي آفنديءَ جو جهيڙو ۽ نتيجي ۾ حسن علي آفندي طرفان مسلمانن لاءِ جدا تعليمي ادارا کولڻ وارو معاملو. معلوم ٿي ويندو. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ مدرسي جهڙو اهم ۽ بنيادي تعليمي ادارو وجود ۾ آيو ۽ جنهن جي نتيجي ۾ نور محمد هاءِ اسڪول مدرسة البنات هاءِ اسڪول ۽ ٻيا ڪيترائي اهم ادارا وجود ۾ آيا ۽ مسلمانن کي تعليمي ميدان ۾ پنهنجي جدا حيثيت مڃائڻ جو موقعو مليو.

اهڙيءَ طرح جيڪڏهن حسن علي آفندي جي جيون ڪهاڻي. شمس العلماءِ عمر بن محمد دائود پوٽي جي آتم ڪهاڻي ۽ محمد اسماعيل عرسانيءَ جي آتم ڪهاڻي گڏي پڙهبي ته سنڌ جي تعليمي ۽ سماجي ماحول جو جائزو نظرن جي آڏو اچي ويندو ۽ اپر ۽ لوئر سنڌ جي تعليمي ادارن جي حالت. پڙهندڙن جا مسئلا. تعليمي معيار ۽ سهوليت سڀ نظر اچي وينديون.

سنڌ جي سياسي حالتن کي پروڙڻ لاءِ نائونمل جي يادگيرين سان گڏ جناب جي ايم سيد جي. "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني". ڊاڪٽر چوئٿرام جي آتم ڪهاڻي کان وٺندي پير عالي شاهه جي "منهنجي مختصر ڪهاڻي" تائين سلسليوار پڙهبو ته سنڌ جي سياست جو چٽو نقشو اکين اڳيان تري ايندو. سنڌ جي جاگيردار. وڏيري ۽ سيد طبقي سنڌ جي عوام جو جيڪو استحصال ڪيو آهي.

ڪتاب پڙهي ڇڏيم."

هن ڏس ۾ وڌيڪ ٻڌائي ٿو:

"ڪافيون اتي محمد بچل جي دڪان تي ڳائبيون هيون. جنهن ۾ شهر جا راڳيندڙ. جهڙوڪ اوستو محمد امين ۽ عيسو پخالي ڳائي لاءِ سندس بلغاري چلم مان وزم پرڻ لاءِ ڪنا ٿيندا هئا."

پنهنجي اعلي تعليم لاءِ لاڙڪاڻي جي مدرسة الاسلام ۾ داخل ٿيڻ تي وڏن ماڻهن طرفان طعنن ڏيڻ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته: "حقيقت ڪري هي بهريون مثال هو جو هڪ غريب هاري، جو پار. لاڙڪاڻي جي زميندارن جي ٻارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي تعليم وٺي ۽ ساڻن ساڳي ميز تي ماني کائي. اها هنن لاءِ وڏي اهانت ۽ ذلت هئي. جو هڪ لال پيوت ساڻن همسري ڪري."

هن پنهنجي انهيءَ دور جي هم مدرسين. جهڙوڪ مرحوم غلام رسول ڪيهر. مرحوم سردار واحد بخش ڀٽو. مرحوم محمد ايوب کهڙي جو ذڪر به ڪيو اهي. جيڪي نهايت دولتمند سخص هئا.

لاڙڪاڻي جي مدرسي کانپوءِ نوشهري جي تاريخي مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو بيان ڪيو اٿس. جتان ٻن نهايت ڪاميابي، سان ٻرهي پار ويا ۽ اتي جا استاد نوڙي شاگرد ساڻس پيار ڪرڻ لڳا.

ان کان پوءِ ڪراچي، جي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ پنهنجي پڙهائيءَ جو ذڪر ڪيو اٿن. جنهن ۾ ان دور جي اقدار جو مڪمل ۽ جنو احوال ڏنو اٿن. هاسٽل ۾ ماني، جو ذڪر ڪندي چون ٿا:

"رات جو ماني، جو کهنڊ وڳو ۽ سڀڪو ڊائننگ هال ڏي ڀڳو. ان وقت ماني، جا ٽي قسم هئا. غريب. متوسط ۽ ساهوڪار درجي جا شاگرد جدا جدا ميزن تي ويهاريا ويندا هئا. اهو ڪلاس بندي، جو طريقو دسي دل کي سخت نفرت آئي."

اهڙين حالتن ۾ هن تعليم جو هٿ نه ڇڏيو ۽ آخرڪار ان اوج تي پهتو. جيڪو ٿورن کي نصيب ٿيندو آهي. پاڻ انگريزي. پارسي، ۾ وڏي مهارت حاصل ڪري ورتائون. جنهن جي ميجتا ان وقت سنڌ استادن به ڪئي. ايتريقدر جو

بوتو) جي طرز سان واسطو رکندڙ هن ڪهاڻيءَ ۾ ويهين صديءَ جي شروعات کان وٺي بوٿين اڌ تائين جا اهم واقعا، جن ۾ هندو مسلم ايڪتا، هندو مسلم تضاد، آزاديءَ جون تحريڪون، پاڪستان جي تحريڪ، ورهاڱو، پاڪستاني معاشرت، ون يونٽ ۽ ان جا هاڃا، ون يونٽ جو خاتمو ۽ بعد واري سماجي ۽ تعليمي ماحول جو احوال ملي ٿو.

مرحوم محمد اسماعيل عرسانيءَ، پنهنجي ذات جي واسطي سان ڪا به ڳالهه لڪائي ڪونهي. هن هر ان ڳالهه جو بيان ڪيو آهي، جنهن جي ضرورت هئي. نه بان کي ڪو تونگر خاندان جو فرد ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪوڙ جيو انس نه ئي وري ڪنهن حقيقت کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. هن پنهنجي خاندان جو احوال توري بعد ۾ پنهنجي ذاتي زندگيءَ جو احوال نهايت سادي ۽ صاف نموني سان ڪيو آهي..

هيءَ آتم ڪهاڻي سنڌ جي تعليمي، سماجي ۽ سياسي پس منظر ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ ليکڪ گهڻو ٿو مواد پنهنجين يادگيرين تان ورتو آهي، ليڪن انهن جي مدد طور تاريخي شاهديون به ڏنيون اٿس. تنهنڪري ان جي ادبي اهميت سان گڏ تاريخي اهميت به آهي. سنڌ جي تعليمي ماحول جو اڀياس ڪرڻ لاءِ هن آتم ڪهاڻيءَ کي پڙهڻ تمام ضروري آهي.

هن مضمون ۾ بيان ڪيل آتم ڪهاڻين ۽ جيون ڪهاڻين جو گڏيل مطالعو ڪيو ته ان مان وڌيڪ معلومات ملي سگهندي. خاص ڪري ان لاءِ جو انهن ۾ ڪيترائي واقعا اهڙا آهن، جن جي هو تصديق ڪنديون نظر اينديون. اڃا به جيڪڏهن مشهور ماهرِ تعليم حاجي خوجا صاحب، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر آپا شمس، ڊاڪٽر علينواز جتوئي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو ۽ پروفيسر غلام مصطفيٰ شاه پنهنجون آتم ڪهاڻيون لکن ته، سنڌ جي تعليم جي جدا تاريخ لکڻ جي ضرورت ئي نه پيش اچي.

# مددي ڪتاب


1- محمد اسماعيل عرساڻي - سڪر سيٺي ڏينهن- ڪتابي دنيا اشاعت گهر حيدرآباد 1985.

2- محمد صديق مسافر - منازل مسافر. آر ايچ احمد اينڊ برادرس. شاهي بازار حيدرآباد 55-1954.

3- مرزا قليچ بيگ - خانبهادر حسن علي آفندي. سه ماهي مهراڻ - نمبر 3-4 سنڌي ادبي بورڊ 1958.

4- شمس العلما ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو - منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي. سنڌي ادبي سوسائٽي گلشن منزل. گارڊن ايسٽ ڪراچي 3- 1962.

5- راءِ بهادر ديوان تاراچند شوقيرام. راج رشي ديوان ڏيارام گدو مل - جو جيون چرتر. گورو مل سنڌي ساهتيه منڊل ڪاڇي رستو. حيدرآباد سنڌ 1938.

ويلن جي حالتن ۽ انهيءَ وقت جي معاشي ۽ اقتصادي حالتن جو ذڪر ڪيل آهي. ورهاڱي کان پوءِ سنڌين جو هندستان لڏي وڃڻ کان پوءِ سڀ کان وڏو اهم مسئلو روزگار جو مسئلو هو. ان وقت ڪيترين ڇوڪرين کي پڻ پنهنجن مائٽن کي سپورٽ (Support) ڪرڻو ٿي پيو. گهرن ۾ گذيل ڪمائي گهٽ هوندي هئي. ڪيترا ته اڃا ٻار هئا، جن کي ٻرهائڻو هو. انهي ڪري ڪيتريون نوجوان ڇوڪريون اهڙي صورتحال جو شڪار ٿي ويون. سنڌ ۾ هميشه پوري عمر ۾ ڇوڪريون پرڻايون وينديون هيون، پر هتي گهڻيون جوان ڇوڪريون ڪنواريون ئي رهجي ويون. انهن مان ڪن ته نوڪريون به ٿي ڪيون. پر سماجي طور تي اها هڪڙي ڏاڍي ڏکي صورتحال هئي. ٻيو اهم مسئلو اهو به هو ته ڏيتي ليتي تمام گهڻي وڌي هئي، جيڪو سنڌي عورتن لاءِ وڏي ۾ وڏو مسئلو هو. سنڌي سماج ۾ تمام گهڻو ويڇو اچي ويو. ڪي ماڻهو ته تمام گهڻا شاهوڪار ٿي ويا ته ڪي وري گهڻا غريب ٿي ويا. ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين جو هتي رهندڙ سنڌين جي اسٽينڊرڊ (Standard) کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو ڇاڪاڻ ته هو ٻاهران گهڻو ناڻو آڻي هتي مسئلا پيدا ڪندا هئا ۽ هتي رهندڙ سنڌي انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي نٿي سگهيا ۽ نتيجي طور اهي ڇوڪريون ويچاريون ڪنواريون رهجي ويون ٿي. انهيءَ مسئلي تي اسان جي گهڻن ئي اديبن لکيو آهي. جن ۾ سندري اتم چنداڻي به شامل آهي. سندري اهڙين حالتن کان متاثر ٿي هن ناول لکڻ جو مقصد بيان ڪندي هن ناول جي مقدمي ۾ خود لکي ٿي ته:

" ڪرندڙ ديوارون ته مون انهيءَ وقت لکيو هو، جڏهن سچ پچ اسان جي سماج جون ديواريون ڪري رهيون هيون. اسين مڊل ڪلاس جا ماڻهو جڏهن هتي آياسين. تڏهن ڏاڍا ڊنل ۽ ڊٺل هئاسين اسان جي چوگرد اقتصادي ديوار هئي سا ته بلڪل ڪري اچي پٽ پئي هئي. کهڙيون نه ڏکوئيندڙ حالتون هيون اهي... جڏهن اسڪول ويندڙ ٻار اسان کي سنڌن جتيون لاهي ڏيکاريندا هئا. جن ۾ وڏا وڏا ٽنگ هئا. اسان انهن کي اها معمولي ربيٽر به نٿي ڪرائي ڏيئي سگهياسين. ٻارن کي جتيون نه هجن. چڱا ڪپڙا ۽ صحتمند کاڌو نه هجي وڏي ڳالهه ته ڪيترن مائٽن کي ڪو اجهو نه هجي. ڪيڏيون وڏيون دردناڪ تڪليفون هيون. اهي جيڪي

اسان سان گڏ اسان جي پارن ۾ پوڙھيون ڪيترا پار ويچارا تہ بسن ۽ ٽرينن ۾ ڪنمڙا وڪڻندي جيئاتجي ويندا هئا. ڪنهن معصوم جي تنگ، پانهن جهرڻ تہ روز جو معمول هو. هي حالتون ڪي رڳو منهنجي گهر جون ڪونہ هيون. پر اسان جو سڄو سنڌي سماج پيڙهجي رهيو هو. اهوئي درد هو جنهن مون کان اها آڪاڻي لکائي ۽ اهائي آکاڻي ان وقت جي سنڌي سماج جو عڪس آهي هڪ اتهاس آهي." (3)

ڪرنڌ ديوارون جيئن تہ هڪ گهريلو ناول آهي. هن ناول ۾ هڪ گهر جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي. جنهن ۾ هڪ دولت جي ٻوپاري هڪ آدرشي انسان، هڪ رواجي ننهن ۽ هڪ پيار جي جاهنا رکندڙ ڪومل هستيءَ. هڪ ماءُ ۽ هڪ سس جي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ گلاب دولت جو ٻوپاري آهي پنهنجو گهر ڇڏي آفريڪا ڪمائڻ خاطر وڃي ٿو سندس زال ديوي آهي. جيڪا شاهوڪار مائٽن جي ڌيءَ آهي. جندن آهي جنهن جي دل ۾ غريب مزدور ۽ هاريءَ جو درد آهي. هو پنهنجو سڀ ڪجهہ غريبن جي ڀلائيءَ لاءِ قربان ڪري ڇڏي ٿو. هو جيل جون تڪليفون سهي ٿو بکون بہ ڪاٽي ٿو. ايتري حد تائين جو سندس سهڻي ۽ خوبصورت زال ريکا جيڪا ڏاڍي نازڪ نفيس آهي انهيءَ کي مزدورن کان بہ گهٽ اهميت ڏئي ٿو. هوءَ پنهنجي مڙس جي پيار لاءِ واجهائيندي رهي ٿي، هوءَ پنهنجي مڙس ۽ سس جي سک ۽ آرام لاءِ هر ڏک. تڪليف ۽ طعنا برداشت ڪندي رهي ٿي ۽ نيٺ پاڻ بہ پنهنجو پاڻ کي گند جي ڍيرن ۽ ڪکائن جهڳين ۾ رهندڙ ڪمزور، ڪارن ڪوجهن پيٽ بکين انگ اگهاڙن انسانن جي ڀلائي لاءِ وقف ڪيو ڇڏي، تڏهن اوڇتو ڪيس پيار جي لافاني دولت ملي وڃي ٿي. هن سڄي ناول جو مقصد خاص طور تي زال ۽ مڙس جو هڪ ٻئي سان پانهن ٻيلي ٿي سڄو جيون ساٿي بڻجڻ آهي. هن ناول کي سندري تمام عمدي نموني ۾ پيش ڪيو آهي. انهي ڪري هي ناول عوام ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو آهي. هن ناول ۾ گهرو ناٽي زندگيءَ جا نظارا تمام سهڻي نموني چٽيا ويا آهن. هن ۾ خاص ڪري سورميءَ جو ڪردار ڏاڍي اثرائتي نموني پيش ڪيو آهي. سندري پنهنجي ناولن ۾ عورت جي آزاديءَ متعلق بہ تمام گهڻو لکيو آهي ۽ انهن کي هن مختلف ڪردارن ۾ واضع ڪيو اهي مثلا جيئن هوءَ لکي ٿي:

ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو

# لسانيات کان سماجي لسانيات تائين (1)

## (هڪ اڀياس)

[گذريل ٽيهن سالن دوران علم لسانيات يعني ٻوليءَ جي علم جو زمان، مڪان، گهاڙيٽي ۽ مختلف شاخن جي حوالي سان ترتيبوار مطالعو وقت جي ضرورت ۽ وقتائتي فڪر جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. هن علم تيزيءَ سان پکڙجي ايتريقدر ته مقبوليت حاصل ڪئي آهي، جو دنيا جون ڪيترين ئي اهم يونيورسٽيون هن علم کي گريجوئيشن ۽ پوسٽ گريجوئيشن جي نصابن ۾ شامل ڪري مڪمل سندون ڏئي رهيون آهن.

ترقي يافته دنيا جي ابتڙ پاڪستان ۾ هن علم بابت اڃا تائين سنجيدگيءَ سان ڪونه سوچيو ويو آهي. جيتوڻيڪ ڪجهه يونيورسٽين ۾ هن جديد علم جي تربيت حاصل ڪيل ڪجهه استاد موجود آهن. پر انهن يونيورسٽين ۾ به رڳو تعارفي لسانيات ئي پاڙهي وڃي ٿي ۽ ان جي تفصيلي، تشريحي مطالعي کان علاوه لسانيات جي ٻين اهم شاخن طرف ڌيان ڪونه ٿو ڏنو وڃي.

ترقي يافته دنيا ۾ هن علم جي چرچي ۽ تحقيق سماجيات، نفسيات، فلسفي ۽ علم انسان جي ڄاڻن، استادن ۽ ڳالهه ٻولهه جي علم کي تجربيگاهن ۾ پرکيندڙن (speech therapist) کان علاوه ٻين ڪيترن ئي سماجي سائنس جي ماهرن کي احساس ڏياريو آهي ته، ٻولي سندن ڪم ۽ زندگيءَ جي سمورين مصروفيتن ۾ تمام وڏي ۽ اهم جاءِ والاري ٿي. پر جڏهن انهن هن علم جي باري ۾ وڌيڪ کوجنا جي ڪوشش ڪئي ته کين محسوس ٿيو ته لسانيات جو موضوع

ڳوڙهو. فني ۽ گهٽي قدر محدود قسم جو آهي.

موجوده مقالي ۽ ايندڙ تحقيقي مقالن ۾ ڪوشش ڪئي ويندي تہ اهو ڳوڙهو ۽ فني مسئلو، تازين تحقيقن جي روشنيءَ ۾ جتي ۽ غير فني (non-technical) طريقي سان پيش ڪري حل ڪيو وڃي. تہ جيئن سماجي سائنس جي ماهرن کان علاوه عام پڙهندڙ کي بہ هن اهم موضوع بابت ڄاڻ ڏئي دلچسپي پيدا ڪري سگهجي. جنهن جا بہ چٽا ۽ سگهارا مقصد آهن: هڪ تہ ٻوليءَ جي اهم حصن يعني شاخن تي ڏيان ڏئي ماضيءَ جي ورقن اٿلائڻ بدران، موجوده حالتون ۽ حال ۾ ٻوليءَ سان ۽ ٻوليءَ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي جي کوجنا ڪرڻ؛ ۽ ٻيو تہ ڪيئن لسانيات جي هن وقت تائين تسليم ٿيل خشڪ ۽ فني موضوع کي سماجي سائنس جي ٻين ضابطن (disciplines) جهڙوڪ: سماجيات، نفسيات، فلسفي، ڳالهہ ٻولهہ جي علم (speech therapy) ۽ ٻوليءَ جي سکيا جي ڳانڍاپي سان اپياس ڪري، عام سمجهہ لائق بڻائي، اهو تاثر ختم ڪرڻ آهي تہ هي سائنسي ۽ سماجي علم صرف چند مخصوص ڄاڻ رکندڙ ماڻهن جي لاءِ ئي مخصوص آهي. پر ٻين سماجي ۽ سائنسي علمن سان لاڳاپي وارن کي ٻڻ هن پاسي ڏيان ڏيڻ گهرجي. موجوده مقالي ۾ پڙهندڙ کي علم لسانيات جي ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ علم لسانيات کان سماجي لسانيات جي ارتقائي سفر جو سائنسي اپياس مختصر طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.]

انساني ٻوليءَ جو گهرائيءَ سان اپياس ڪرڻ ۽ جائزو وٺڻ سان اسان ٻوليءَ جي ان سمجهہ، وصف يا تشريح کي وڃي ويجهو ٿيون ٿا، جنهن کي ڪي ماڻهو 'انساني جوهر' چون ٿا: "خاص دماغي اهليت جيڪا صرف ماڻهوءَ ڏانهن منسوب ڪري سگهجي ٿي" (چومسڪي 1972ع). ماڻهو جڏهن هڪٻئي سان واسطي ۽ لهہ وچڙ ۾ اچن ٿا تڏهن اهي ڪئي ڪجهہ بہ ڪن، ڪهڙو بہ عمل ڪن: راند ڪڏن، ويڙهاند ۾ مصروف هجن يا پيار محبت وندين، گاڏيون ٺهرائين يا ناهين، دڪان هلائين يا ڪاروبار ڪن، گڏ سفر ڪن يا آفيسن ۾ ڪم ڪار دوران هڪ ٻئي سان رابطي ۾ اچن، اهي ڳالهائين ٿا. اسين ڳالهائڻ واري ٻوليءَ جي انهيءَ ڪائنات ۾ رهون ٿا.

# ٽيبل: لسانيات کان سماجي لسانيات تائين

ٻولي

Language

لسانيات

Linguistics

ٻنايني/ تشابهاتي لسانيات

Comparative Linguistics

تاريخي لسانيات

Historical linguistics

جاگرافيائي لسانيات يا لسانياتي جاگرافي

Linguistic Geography Geo-linguistics

محاورا شناسي

Dialectology

جاگرافيائي محاورا

Geographical dialects

لاڳاپي ۾ ايندڙ محاورا

Dialects in contact

لاڳاپي ۾ ايندڙ ٻوليون

Languages in contact

سماجي لسانيات

Sociolinguistics

ٻوليءَ جي رٿابندي

Language planning

ٻوليءَ جي حيثيت مقرر ڪرڻ

Status of Language

ڪهڙين مطابق ٻوليءَ جو ڪهاڙيو

Corpus planning

ٻولي جو وڌڻ ۽ حاصلات

Language acquistion

ٻوليءَ ۾ فرق ۽ تبديلي

Language variation and change

محاورا شناسي

Dialectology

سماجي محاورا

Social dialects

سماجي آراڏايون (فرق)

Social variaties

Labov, W. (1972). Sociolinguistic Patterns. Basil Blackwell, Oxford.

Moulton. (1962) Dialect Geography and the concept of Phonological Space. Word : 18 pp. 23-32.

Trudgill, P. (1972). Sex, Covert, prestige and Linguistic Change in the Urban British English of Norwich. Language in Sociaty 1, pp. 179-195.

___ (1974). The Social Differentiation of English in Norwich. Combridge University Press.

___ ed. (1978). Language patterns in British English. Edward Arnold. U.K.

Weinreich, U. (1953) languages in contact: findings and problems.

## وڌيڪ مطالعي لاءِ ڏسو:

1- الانا. ڊاڪٽر غلام علي. (1979) سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

2- جتوئي. محمد عمر (1985) لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڌابون. زيب ادبي مرڪز حيدرآباد.

3- ٻگهيو. ڊاڪٽر قاسم (1991) پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي رٿابندي ۽ سنڌي ٻولي. نئين زندگي ڊسمبر. ص ص. 3-13.

4- ٻگهيو. ڊاڪٽر قاسم (1994). سماجي لسانيات ۽ ٻوليءَ بابت غير علمي مفروضا. ٽماهي مهراڻ 3/4 سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ص. 156-168.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# ڪڇ ۽ لاڙ جا علمي تعلقات

## (عبدالرحمان ڪاٺياڻيءَ ۽ مخدوم عبدالله نرئي، جي ڪتابن جو جائزو)

ڪڇ، سنڌ جي ڏکڻ ۾ سنڌ سان دنگئي ملڪ آهي. ڪڇ جي رڻ جي ڪري، سنڌ کان جدا ٿيو بيٺو آهي. پر اصل ۾ سنڌ جوئي حصو آهي. ڪڇي ٻولي به سنڌي ٻولي ئي آهي: ۽ ان جو هڪ محاورو سمجهڻ گهرجي. سنڌ خاص طرح سان لاڙ سان ڪڇ جا قديم زماني کان تاريخي، علمي، سياسي ۽ ثقافتي تعلقات رهيا آهن. سنڌ جا عالم ۽ شاعر ڪڇ ڏانهن ويندا رهيا آهن، ۽ ڪڇ جا عالم، شاعر ۽ طالب العلم هتِ ايندا رهيا آهن.

سومرن جي دور جي شاعرن: پاڳو ڀان ۽ سمڳ چارڻ جو لاڙ توڙي سنڌ سان گڏيل تعلق رهيو آهي. دودي سومري ۽ علاؤ الدين جي لشڪر جي وچ ۾ جيڪا جنگ لڳي هئي، ان دوران پاڳو ڀان سنه 700هه (1300ع) ۾ سنڌ مان سومريون وٺي ڪڇ ويو هو. پوءِ اتي ئي رهي پيو. وفات به اتي ئي ڪيائين. سندس اولاد ڀاڻ کي "ڀان" بدران "پاڳ" سڏايو. پاڳو ڀان کي تہ سومرن وٽ وڏي عزت هئي: پر "پاڳو" جي اولاد جي به سومرا عزت ڪندا رهيا آهن: جن ڀاڻ کي "ڀان" بدران "پاڳ" سڏايو. پاڳو ڀان اندازاً 1310ع ڌاري وفات ڪئي (1).

"سمڳ" چارڻ ڪڇ جي ڪيراڪوٽ جو رهاڪو هو. انهيءَ علائقي جي حد جيئن تہ لاڙ جي ٻرڳٽي ڪڪرالي سان لڳندي هئي، انهيءَ ڪري ڪڪرالي ايندو ويندو هو. ڪيراڪوٽ مان ڪهي ڏان لاءِ ڪڪرالي جي ڄامن وٽ ويندو هو (2) هارون راجسي پوٽو ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪڇ جو شاعر هو. تہ - جو شاعر "بلاول" سندس ننڍو معاصر هو، ۽ ان سان دوستانہ تعلقات هئس. ٻنهي جي وچ ۾

شاعرانه ڏي وٺ به ٿيندي هئي (3).

شاعرن کان سواءِ عالمن ۽ فاضلن جي اچ وڃ به رهي. سنڌي علم ادب جو باني وجهندڙ مخدوم ابوالحسن ٺٽوي به اصل ۾ ڪڇ جو رهاڪو هو. ۽ ذات جو منڌرو هو. ڪڇ مان لڏي اچي ٺٽي ۾ رهيو. هن بزرگ عالم 1700ع ۾ سنڌي زبان ۾ الف اشباع جي سٽا ۾ مڪمل ديني ڪتاب "مقدمہ الصلواة" لکي، سنڌي زبان ۾ مڪمل ديني، علمي ۽ فقهي ڪتابن لکڻ جي شروعات ڪئي. ان کانپوءِ ڪيترن ئي عالمن ۽ فاضلن سنڌي زبان ۾ اهڙي نوعيت جا ڪيترائي ڪتاب لکيا؛ اهڙن ڪتابن جي مصنفن مان مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم عبدالله نرئي واري، مخدوم غلام محمد بگائي، عبدالرحمان ڪاٺياڻي، ميين عيسيٰ ۽ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جا نالا قابل ذڪر آهن. اهي ڪتاب سنڌ کان سواءِ ڪڇ جي مدرسن ۽ مڪتبن ۾ به پڙهايا ويندا هئا. ڪڇ جا عالم به انهيءَ ساڳي صورتخطي ۾ ڪتاب لکندا هئا. اهڙن ڪتابن جا ڪجهه ڪاتب به ڪڇ جا رهاڪو هئا. ته ڪجهه ڇپائيندڙ به لاڙ ۽ ڪڇ جا هئا. ڪتاب ڇپيا. به گهڻي طور بمبئيءَ ۾ هئا. حاجي سمون، جيڪو بمبئيءَ ۾ رهندو هو. ۽ سنڌي ڪتابن جي ڪتابت ڪندو هو؛ اصل ۾ ڪڇ جي شهر "پوربندر" جو رهاڪو هو. ڪڇ ۾ جيڪي به ڪتبخانا آهن. انهن ۾ اهڙي قسم جي سنڌي قلمي ڪتابن جو وڏو تعداد موجود آهي. بمبئيءَ ۾ پهريون سنڌي ڇاپخانو قاضي محمد ابراهيم، قاضي نور محمد جو هو. جيڪو پڻ اصل ۾پوربندر (ڪڇ) جو وينل هو. هن ڪيترا ئي سنڌي ڪتاب شايع ڪيا. ان جي اشاعتي سلسلي شروع ڪرڻ کان ويهه سال پوءِ محمد صديق پنهنجو اشاعتي سلسلو شروع ڪيو. جنهن جو نالو "مطبع حسيني" هو (4).

هن مقالي ۾ لاڙ ۽ ڪڇ سان تعلق رکندڙ ٻن عالمن: عبدالرحمان ڪاٺياڻي ۽ مخدوم عبدالله نرئي واري جو تعارف ۽ سندن ڪتابن جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

مخدوم عبدالله نرئي وارو: هڪ روايت موجب ذات جو منڌرو هو. ۽ بدين تعلقي جي ڏاکڻي حصي جو رهاڪو هو. جنهن کي مانڌر چيو ويندو آهي. برٽن لکيو آهي ته هو ڪڇ جي ڳوٺ نرئي ۾ تولد ٿيو (5). سرائي امداد علي، جنهن ڪچ

۾ مخدوم صاحب جو ڳوٺ وڃي ڏٺو. پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو آهي تہ ڪڇ جي روايتن موجب مخدوم عبدالله مندرو ڪڇ جي تعلقي نرٿي جي ڳوٺ جو رهاڪو هو. ۽ تعليم پرائڻ لاءِ سنڌ ۾ آيو هو (6). وڌيڪ لکيو اٿس، تہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو نهايت قابل ۽ هوشيار شاگرد هو. فارغ التحصيل ٿيڻ بعد مخدوم ٺٽوي جي حڪم موجب پنهنجي ڳوٺ اچي درس و تدريس ۽ تبليغ ۽ دين جي اشاعت جو سلسلو جاري ڪيائين. سندس ڳوٺ جو نالو "سڙيون" آهي، جيڪو "نرٿي" تعلقي ۾ آهي. انهيءَ ڪري نِرٿي وارو مشهور ٿيو. سندس مزار بہ ڳوٺ "سڙيون" ۾ آهي (7). سرائي اميد علي جيڪي روايتون ٻڌايون، انهن موجب مخدوم صاحب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي وفات کان پوءِ وفات ڪئي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سنہ 1174هہ (1761ع) ۾ وفات ڪئي (8). ان جو مطلب ٿيو تہ مخدوم عبدالله ٻارهين صدي جي پوئين ڏهاڪي، يا تيرهين صدي جي ٻهرئين ڏهاڪي ۾ وفات ڪئي. وڌيڪ ثابتي ان مان بہ ملي ٿي تہ مخدوم صاحب ڪتاب "بدرالمنير" 1184هہ ۾ لکيو.

مخدوم عبدالله نرٿي وارو باڪمال عالم هو. هو وڏو عالم ۽ فاضل هو. ۽ سندس مطالعو بہ تمام وسيع هو. درس و تدريس، تبليغ ۽ دين جي اشاعت جي سلسلي ۾ سڄي زندگي سرگرم رهيو. ان سان گڏ هو وڏو اهل قلم ۽ بسيارنويس مصنف بہ هو. هن سنڌي زبان ۾ ڏکهن بيتن ۽ الف اشباع جي سٽا ۾ بيشمار علمي، مذهبي، ادبي، فقهي ۽ تاريخي ڪتاب لکيا. هن جيڪي بہ ڪتاب لکيا آهن، اهي وڏي تحقيق سان لکيا اٿس، ۽ ڪتابن جا حوالا ڏيئي لکيو اٿس. هن بيشمار معياري عربي ۽ فارسي ڪتابن جا حوالا آندا آهن. تفسيرن جا نالا ڪنيا آهن، ۽ حديثون ڏنيون آهن. ان مان سندس علم، مطالعي، علمي بصيرت ۽ محققانہ انداز جي بخوبي خبر پوي ٿي. سندس جن سنڌي ڪتابن جا نالا معلوم ٿي سگهيا آهن، اهي هي آهن:

(1) ڪنزالعبرت (2) قصص الانبياء (3) خزانة الابرار (4) خزانہ علم (5) خزانة المروايات (6) تنبيهہ الغافلين (7) معيار سالڪان طريقت (8) قمرالمنير (9) بدرالمنير (10) نورالابصرار (11) هفت بهشيت (12) تفسير يوسف (13) غزوات (14) خلفاء

جو عابد زاهد متقي، اڪمل اطهرا
سنه سونهارو، منه موچارو، ڪامل ڪلاما
چائو سُنهارو، سو پنجين تاريخا
مهيني شعبان جي، سڪي ياد ڪِجاه
تن ورهہ چوٿو سو هئو، ڪنان هجرتا.

انهن ڪتابن کان سواءِ سنڌس ٻن اهم ۽ محققانہ ڪتابن غزوات ۽ خزانہ ۽ اعظم جو ڪجھہ وڌيڪ تفصيلي تعارف هت ڏجي ٿو:

**غزوات:** مخدوم صاحب سيرت پاڪ تي هي محققانہ انداز ۾ لکيو آهي، ۽ غزوات جو احوال ڏيندي حوالي طور ڪتابن جا نالا بہ ڄاڻايا اٿس. جن ڪتابن جا نالا ڄاڻايا اٿس، اهي ڳهڻي قدر هي آهن:

(1) مخدوم هاشم ٺٽوي جو عربي ڪتاب "بزل القوه في موادت سني بنوه" (2) حبيب السير (3) زرقاني جو شرح مراهب (4) حافظ ابن حجر اسقلاني جو تهذيب التهذيب (5) سيرت شامي (6) صحيح بخاري (7) واحدَي جو نقاية الاثر (8) مسند امام احمد (9) بيمقي جو دلائل النبوره (10) طبراني جو سيرت ڪبير (11) قسطلاني جو "شرح صحيح بخاري" (12) تفسير مدارڪ (13) مسند امام اعظم (14) خزانة الاڪمل (15) فتح الباري (16) علي قاري جو شرح مشڪواة (17) سيرت ابن هشام (18) تاريخ طبري (19) طبقات ابن سعد وغيره.

مخدوم عبدالله جو هي ڪتاب نہ فقط قدامت جي لحاظ کان، پر مدار ۽ تحقيقي جي لحاظ کان بہ وڏي اهميت رکي ٿو. سجو ڪتاب "الف اشباع" نجي سنا ۾ آهي. "فتح مڪہ" واري باب مان ڪجھہ سٽون نموني طور ڏجن ٿيون:

آهي بذل القوة ۾ اهڙي عبارتا
۽ پڻ فتح مڪي جي ڏينهن ۾ لکن ڪتابا
تہ آئي بيبي ام هاني منج خدمت رسول خدا
اچي چيائين پيغمبر ڪريم کي، چي يارسول الله
مِيءَ جو ماءُ- پٽ مُهجو امير علي آه
سو ٿو پاٺي قتل ڪريان تن، ٻنين ڄڻن کا

تحقيق ان ۾ ٽي مصيبتون آهين ڪاون مولي
هيڪ جنن، هرگز قبول نہ ٿي تہ شخص جي دعا
جو ڪري غيبت مومن جي، جاٿي جاڻ منجا
ٻيو آگو عمل تہ سندا، ڪري نہ قبولا
ٽيون ويتر ٿينس مٺاٿيون، ڏيها ڏيهہ زيادا
۽ ٻڻ غيبت چڱاين کي ان پر چيائون ڪا،
جہ پرڪايو ٿو وجي چيرو ڪاٺين ڪا
اَلغيبة تا ڪل الحسنات ڪماتا ڪل النار الحطب چيو رسول خدا.

## ذاتيون ۽ فضيلت جو معيار:

جن جا ذاتي ۽ ذاڏن تي آهين پروسا
سٺيو جي سرها ٿيو، ويٺا ڪرين گناهہ
تحقيق ذاتيون آڳاٽيون سيني، جيون ٿينديون ضايعا
جڏہ سُڄندو ڪنن سين سندو صور ڏڪا،
فَاِذانفخ في الصور فلاانساب بينهم يومئذو لايتساء فرمايو خدا
ڪونہ پڇبو ان ڪري تہ ڪہ جو آهين ويا،
مگر سموري عملن جي ٿيندي تت پڇا
ري رسول انساهنجي، جو مير محمد شاهہ صلي الله عليه وسلم
ڪانہ رهندي ڪہ جي منج ظاهر ذات ڪا
جڏہ ذاتين ظاهر، ڏنايءِ ۾ آهين سڃاڻڻ لاءِ
تہ سڱ سياڪا پاڻ ۾ سيني ٿين سُحمڪا
نات اصل سين جو هيڪڙو آهي پوءِ ۽ ماء
يآ آيهَا الناسَ انا خلقنا ڪم من ذڪروا نثي و قجلناڪم شعوباو قبائل
لتفازفواط ڪديئو قرآنا
صاحب کي سهاء سو، ڳهني جہ تقوي
اِن آڪرَمَڪم عند مہ انتڪم ڪهيو ڪريما
ڳولا آڳا قيام ڏيہ سب نيندا ڊڪ جها

ڪي ڪولا پهندا جنت ۾ عملن جي سببا
۽ ڪي آڪا سبب گناهن جي دوزخ ۾ وجبا
آڪي جي درگاهہ ۾ صحبت واڻ نہ ڪا
لڪين لشڪر جن جي پُٺِ ۾ هوا چڙندا
پڻ هرجن جي حڪم ۾ گهوڙا ۽ بيرا
سي هندا سٺيءَ جا سيڪڙو منج محشر مڪانا
انگ اگهاڙا بکيا، اڃيا، آتا ڪا
پسيو پاپَ پاهجا گهڻو هتَ هٿندا
پڻ رويو رئندا رت سي هيءَ هيءَ ڪيو ها ،
۽ گهڻا ڏکيا بکيا جي هئا، منج دنيا
سيڃا برڪت نيڪن عملن جي بهشت ۾ تهندا
تحقيق جنت جاء تن جي، جي امر منج آيا
توڙي حبشي هُويا سي، گولا غلاما
۽ دوزخ مڪان تن جو، جي ڦريا فرمانا
توڙي هُندا سردار سي، قريشين عنا
اَلجَنةُ يمِن اَطاَع ولوڪانَ عَبدً اَحبشِياً واَلنا يَمِن عــلي وَلوڪَانَ سَيدً
اَقريشياً ڪامل ڪلاما
تات جنين ڪري پِروسو ڏاڏن جو نافرمودا ڪنا
ڪِ پسي پهجي ذات طلي دليو لاتائاون ڏاو
تن پاڻهين مٺ پاڻ ڪي، ۽ لڇايائون ڏاڏا
ڪيائون شرمندا تن ڪي، پيغمبر مهدا
جِڏءَ اوءِ ڪري عبادتون، اِنَ نيتا وَهيا ويچارا
تہ مانَ ڪهِ پر راضي رب تئي، تہ اسان تئي بچاء
تن ڪي وڏائون ڪاڻ ڪرء سين، ۽ پاڻ پٺوِرسٺا
يوم لاتملڪ نفس لنفس والامر يومئذلله اي پيين خبر نہ ڪا
تحقيق حضرت نوح جو هٺو مرسلن منجا

(14) شرح علي قاري (15) قصيدو امالي (16) مرج البحرين (17) ذخيره (18) نصاب فتوئ (19) خلاصة الفقه (20) عقد اللالي (21) مفاتيح العنان (22) اشارة و النظائر (23) مبسوط (24) سباط الناظرين ( مخدوم هاشم ٺٽوي) (25) بياض مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (26) مختصر اساس الدين (27) متانة الرواية (28) نوادرالاصول (حڪيم ترمذي) (29) فداصة الانوار (30) تذڪرة الواعظين (31) تڪميل الايمان ۽ ٻيا. .

**شخصيتون:** هن ڪتاب ۾ اسلامي دنيا جي ڪيترين ئي شخصيتن جا نالا، انهن جا واقعا ۽ قول بہ ملن ٿا. جهڙوڪ: امام اعظم، علي ابن عباس، قاضي خان، شيخ عبدالحق محدث دهلوي، غياثي، امام ابومنصور ماتريدي، امام سيدابو القاسم، امام احمد، عبدالرحمن بن عبدالحميد، خالد بن وليد، امير حمزو، بيبي فاطمة الزهرا، حضرت علي رضہ، ملا علي قاري، حضرت عبدالله بن عمر، حضرت عثمان رضہ، سلمان بن يسار، شيخ جزري، مهاجر بن اميہ، ابو هريره وغيره. .

هن مان ڪتاب جي علمي اهميت ۽ محققانہ حيثيت جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. بهرحال هن جوڙ ۾ ڪو بہ وڏاءُ نہ آهي، تہ سنڌي زبان جي ڪديم ڪتابن ۾ هي ڪتاب پنهنجي نوعيت جو واحد ڪتاب آهي.

**عبدالرحمان ڪاٺياڻي:** هن بابت فقط ايترو معلوم ٿئي ٿو، تہ هو ذات جو ڪاٺياڻي، محمدملوڪ جو پٽ ۽ ڪڇ جي شهر "ڀڄ" جو رهاڪو هو. شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو مريد هو. ۽ ان نسبت جي ڪري سنڌ ۾ ايندو هو. هن شاهہ ڪريم جي ملفوظات "بيان العارفين" فارسي جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هن سنڌي ترجمي جو ڪم ربيع الاول سنہ 1213هہ (1898ع) ۾ شروع ڪيو. ۽ ٻارهن باب ساڳي مهيني جي ويهين تاريخ پورا ڪيائين. انهن ٻارهن بابن کي "جلد پهريون" نالو ڏنائين، ۽ ٻوين پنجن بابن کي "جلد ٻيو" ڪري ليکيائين. باقي پنج بابت ڪڏهن ترجمو ڪيائين، ان جي تاريخ نہ ڏني اٿس. سنڌي ترجمو سمورو "الف اشباع" جي سٽاءَ ۾ ڪيو اٿس.

**بيان العارفين:** "ملفوظات"، اهڙي ڪتاب کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڪنهن بزرگ يا عالم ڪان علم ۽ حڪمت متعلق ٻڌل ڳالهيون ۽ ان جون چوڻيون،

عبدالرحمان بن محمد ملوڪ ڪِئو سنڌيءِ جو سميا
تہ ظاهر ٿئي تن تي، جي فارسي نہ ڄاڻن ٿا.
ڳالهيون حضرت پير جون، قطب زمانا
تان جڏہ هي رسالو، ٿئو سنڌي فارسي تا
تِنءِ ٻارهن سوءِ ڏهہ ورهہ هئا گذر تا.
هجرت ڪي حبيب جي محمد مقتوئي صلي الله عليه وسلم
سو مهينو هو ربيع الاول جو، ٻهري تاريخا
ڏينه اڱاري جو سو، هو ليکي شمارا
نالو بيان العارفين رکئم، اصلي مثالا.

جلد ٻهرين جي آخر ۾ ڄاڻايو اٿس:

ڪارهہ باب ڪتاب جا اتِ اڃي تمام ٿئا
منجا جلد ٻهري جي ٿئا بيانا
۽ پنج باب ٻي جلد ۾ ٿيندا مذڪورا
تہ ٿيندا سورهہ سيئي تہ ۾ ابوابا
تان جڏهہ جلد ٻهرو هي ٿئو تماما
تڏهہ هزار مٿي ٻہ سوءِ هئا تيرہ ورهہ اڳرا
مهينو ربيع الاول جو ويهين تاريخا
ڏينه هو جمع جو منجا ڏينها
ڪئم ترجمو رسالي تان، جو هو فارسي اصلا.

پنهنجي شهر بابت چوي ٿو:

"جو رهي ٻج جي شهر ۾، ساڪن سڪونتا."

فارسي نسخي ۽ سنڌي ترجمي ۾ مواد ساڳيو آهي. البت ترجمي جي بابن ۾ ڪجهہ فرق آهي. مثلاً فارسي ۾ مقدمو، ست باب ۽ خاتمو آيل آهن. مقدمو وري ٻن فصلن ۾ ورهايل آهي. سنڌي ترجمي ۾ مقدمي جي ٻنهي فصلن کي جدا جدا باب ڪري ليکيو ويو آهي. ان ڪان سواءِ بابن جي ڪُتب ۾ ٻيو بہ ٿورو فرق آهي. يعني اصل ڪتاب جي مقدمي، ستن بابن ۾ خاتمي کي. سنڌي ترجمي ۾ سورهن بابن ۾

ورهايو ويو آهي. مترجم، ٻهنجي مقدمي ۾ هن طرح لکيو آهي؛

سورهه باب تهِ ۾، ڪِٿا جوڙيندي ديرا. "

بيان العارفين سنڌي ۾ پهريون ڇاپو سنه 1293هه (1876ع) ۾ مخدوم عبدالصمد ولد حاجي محمد مقيم مخدوم نورنگ پوٽي، ڪتب فروش ميرپوربٺورو، مطبع مرغوب هر ديار بمبئيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو. ٻر ڪتاب جي اصل ۾ ٿوري ڦير ڦار ڪيائين. ڪتاب جي آخر ۾ پنهنجي طرفان اهڙو نوٽ به ڏنو اٿس، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس، ته ڪيس بيان العارفين سنڌي ٻيو جلد اول حاصل ٿيو. پوءِ هن پهرين جلد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻيو جلد ڪيس فقير حاجي عبدالله جت سالاراڻي، ڪڇ مان هٿ ڪري ڏنو. ان کان پوءِ درگاهه شاهه ڪريم جي سجاده نشين سيد محمد صلاح کان ڇاپڻ جي اجازت ورتي، ڪتاب ۾ ٿورا اختصار ڪري، ڪتاب ڇپايائين ۽ نوٽ ۾ اختصار بابت لکيو اٿس:

" .... اختصار عبارت جو ڪري، جِنءَ مقصد ۾ نقص نه ٿيئي، جوڙي تيار ڪري، گهڻن اهل الله کي ڏيکارئم. جڏهه تن پسند ڪئو، تڏهه شهر بمبئيءَ ۾ پاڻ اچي، مطع مرغوب هر ديار ۾ ڇاپي تيار ڪئم..."

بيان العارفين سنڌي جي اصل نسخي جي پهرين جلد جو نقل سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي، جيڪو سيد غلام شاهه قادري 4 - ربيع الاول سنه 1244هه تي نقل ڪيو. يعني اصل نسخي جي لکجڻ کان 30 سال پوءِ نقل ڪيو ويو. ڇاپي ڪتاب کي قلمي نسخي سان ڀيٽي ڏنو ويو، ته معلوم ٿيو ته بمبئيءَ واري ڇاپي ڪتاب ۾ ڪي قول آهن ئي ڪو نه، ته ڪي وري مختصر ڏنا ويا آهن. ان کان سواءِ ڪتاب کي آسان بنائڻ لاءِ بمبئي واري ڇاپي ۾ لفظ بدلائي سولا لفظ آندا ويا آهن. اصل سنڌي ترجمي تي ڪڇي لهجي جو اثر غالب آهي؛ ٻر ڇاپي ڪتاب جي ٻولي لاڙي آهي. ان هوندي به صورتخطي ساڳي قلمي نسخي جهڙي آهي.

بمبئيءَ جي ڇاپي کان پوءِ سن 1909ع ۾ سکر جي ڪتب فروش هريسنگ لاهور جي اسلامي پريس مان ان جو ٻيو ڇاپو، ڇپائي پڌرو ڪيو. هي ڇابو ناقص آهي، ۽ ان کي درسي ڪتابن واري صورتخطيءَ ۾ آڻي ڇاپيو ويو آهي.

(1) هيرو گلو (2) لورڊ جي ناري (3) ڪرسٽ جي پيروي (4) ڄڻ وڏيڪ ڪين لڏو (5) قرآن جو بنياد (6) آتمڪ امرت (7) ڌرم مورتي (8) اپاٽشهار جي هستي (9) دل بهار (چار ڀاڱا) (10) گل ڦل (ٻه ڀاڱا) (11) سندباد سيلاني (12) هيري جي منڊي (13) يوسف مصري (14) اپولو جو قصو (15) شاهه جي رسالي جو سر ڪاپائتي (16) انگريزي- سنڌي ڊڪشنري ۽ (17) سنڌي - انگريزي ڊڪشنري. ان کان علاوه مضمون مياڻيءَ جي جنگ جيڪو پوءِ 'سنڌ جا مير' نالي ڪتاب ۾ شايع ٿيو.

**ڊڪشنريون:** پرمانند جو نالو لغت نويسن ۾ بنهه مٿاهون آهي هن جيڪي ٻه ڊڪشنريون، سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي -سنڌي، جوڙيون تن جو مٽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اڃا ٿي نه سگهيو آهي. ترجمي ڪرڻ وقت اڄ انهن ئي ڊڪشنرين کان وڌيڪ ڪم ورتو وڃي ٿو. هن پهريائين انگريزي سنڌي ڊڪشنري جو ڪم هٿ ۾ کنيو پر ڇاپي ۾ وري پهريائين سنڌي - انگريزي ڊڪشنري آئي. هن ٻنهي ڊڪشنرين جي تيار ڪرڻ ۾ ڏاڍي جاکوڙ ڪئي آهي عام ماڻهوءَ کان ويندي فني ۽ خاص ماڻهن، ڏنتوڙين، عالمن، اديبن توڙي مختلف ڊڪشنري، فني ڪتابن وغيره کي ڏٺو آهي. هن انهيءَ ڪم ۾ ديوان روچيرام گجومل. مرزا قليچ بيگ. ڀيرو مل مهرچند ۽ سهجرام تهلرام کان پڻ ڪافي مدد ورتي آهي. هڪڙي ڀيري منڇر جي پاسي جو دين محمد نالي هڪ شخص، حيدرآباد سول اسپتال ۾ ملي ويس تنهن پکين بابت ايتري معلومات ڏنس، جو هن جي ڇاڻ جي ساراهه جا ڏاڍا ڍڪ ڀريا اٿس. باقي گهرو ڇيدي، پهاڪن سان ۽ چوڻين سان ڀريل ٻوليءَ جو ڀنڊار هن کي پنهنجي ماءُ شريمتي پوري ٻائي ۽ ماميءَ شريمتي ڇيٽي ٻائي وٽان حاصل حاصل ٿيو (1). جنهن ڪري لفظن جون معنائون عام محاوري مطابق ڏيڻ ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي اٿس. پوين لغت نويسن هنن ڊڪشنرين کان ڏاڍو ڪم ورتو آهي. ڊاڪٽر بلوچ ته هنن ڊڪشنرين ۾ ڪتب آيل تمام لفظن، محاورن ۽ اصطلاحن کي ڪٺي پنهنجي 'جامع سنڌي لغات' ۾ شامل ڪيو آهي. هن جي سنڌي- انگريزي

(1) سنڌ جي هندن جي تاريخ از ڀيرومل مهرچند آڏوائي، ڀاڱو پهريون. سال 1946ع- ص ص 255 ۽ 256.

نالي آسڻ جو ڪيل هو. جو شاهجهان بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ رهندو هو. انهيءَ تخت تي هڪ ارب ۽ پنج ڪروڙ فرئنڪ لڳا." ان ريت هرهڪ مضمون ۾ گهربل معلومات ٿوري ۾ ڏنل آهي. ڪٿي ڪٿي اها معلومات ايتري ته گهٽ ڏنل آهي جو ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ کي چوڻو پيو ته. "جيڪي معلوماتي مضمون ڏنل آهن، انهن مان ڪن ۾ معلومات جي گهٽتائي ايتري قدر آهي، جو ناقص پيا لڳن، ۽ پڙهڻ کان پوءِ تشنگي محسوس ٿئي ٿي." آءٌ عبدالمجيد سان ان ڏس ۾ شامل راءِ آهيان.

هن مجموعي ۾ معلومات جو هڪڙو پيو انداز به ملي ٿو اهو آهي عيسائيت جو پرچار. پرمانند عيسائي سنتن ۽ سنتياڻين جي ڪردار ۽ اخلاق بابت جا بجا اپٽار ڪئي آهي ته جيئن اهو اثر وهي ته عيسائيت جي اخلاقيات اهڙي آهي جو ماڻهو ڏاڍا نيڪ ٿا ٿين. هو انهن هنڌن تي هندو سنتن جي خيالن ۽ ڪردار کي به اجاگر ڪري سگهيو ٿي. پر هن ائين نه ڪيو. حقيقت هيءَ آهي ته هرڪنهن قوم ۾ ڪي نه ڪي چڱا ۽ ڏاها ماڻهو هوندائي هوندا آهن جيڪي پنهنجن ماڻهن کي هميشه چڱائيءَ ڏانهن موڙيندا ۽ ڇڪيندا رهندا آهن. هن جو هر هنڌ عيسائين جا احوال ڏنا آهن سو مطلب رڳو آهي عيسائيت جي پرچار جو جنهن تي هو سنڌ ۾ مقرر هو.

هن جو نيون انداز هو لفظ ڪتب آڻي ان جي سمجهاڻي ڏيڻ؛

(1) ستاوڙي کان پوءِ سَهِيڻو ٿيندو هو. رات جو گهوٽين جي گهر ڪنواريتا ايندا هئا. مرد مردن ۾. زالون زالن ۾. گهوٽين جي سوڙ تي ڪنواريتا پنهنجي سوڙ وڇائي ويهندا هئا. پاڻ ۾ ياڪر پائيندا، ڳائيندا، تاڙيون وڄائيندا ۽ چرچا يوگ ڪندا هئا. ڏاڍيون خوشيون ۽ مزا ڏيندا هئا.

(2) پهرئين سال جي شڪاري پکيءَ کي چون چوز. ٻئي سال جو ٿيو ته چوندا ٻئي سال جو تريناڪ. پوءِ ٽئين سال جو تريناڪ وغيره اهي پکي سال بسال ڪنپ ڇائيندا آهن. اهڙي پکيءَ کي چون ڪُريز. ڏارينڊڙ ديسي پکين کي ڇهين مهيني بعد اڏائي ڇڏين، ڇو جو ڪريز جي سنڀال هر ڪنهن کان ٿيڻ جي نه آهي. ڪريز واري پکيءَ کي ڪي ڪاريگر، جي پاڻ حڪيم هجن، سي رکي سگهندا آهن. ڪنپ ڇائڻ بعد پکي ڏاڍو ڪمزور ٿو ٿئي، تنهن کي ٿڌيءَ جاءِ ۾ ويهاريندا آهن.

لکي ۾ ڪو لاءِ ڪو ساءُ، نہ ڏسجي مهل نہ ويل. مثلا هوندي رواجي ڳالھہ تہ بہ ارنانت ۽ 'ڪيول' ۽ 'ڪداچت' ۽ 'يتارت' جو ڦهڪو پيو پوندو. هاتي جتي حرف اڳيئي سنڌيءَ ۾ آهي تہ بہ اره زوراڻي ڪري. جي فلاتا 'يتن ڪجانءُ'. وري ڪٿي ڏس تہ اهڙا ڀاري سنسڪرت حرف جو جڻ پٿر ويٺو چپاڙ. تہ ڪٿي هڪڙي ئي جملي ۾ سنسڪرت ۽ فارسي لفظ ٺبيا پيا آهن: متون پڳڙي ۽ تلڪ ڀانڻ جو. تہ هيٺيون ٻهراڻ ۽ سڻ پروچڪي! وري ڪٿي تہ ناٽ ۽ بناوت ئي انگريزي. پڙهہ تہ ڪل پيئي اچي. جي گول ڪلي چوڙس ننگ ۾ (1)."

# امدادي ڪتاب

(1) The Imitation of Christ.

ڪرست جي پيروي: لکيل تامس- اَ- ڪيمپس- ترجمو ڪيل لاتن مان فيلڪس برماند ميوارام حيدرآباد سنڌ، 1923ع.

Printed by: J. Carbal at the Commissioners Press Karachi.

Published by: D. Feriera, Soliciter, Bombay, and family at Hyderabad, Sind.

ديباچو صفحا 15. (فهرست سميت)

ڪتاب صفا 488.

بنوتري صفحا 15.

---

(1) سنڌي نثر جي تاريخ از پروفيسر منگهارام ملڪاڻي. سال 1977ع حابو ٻهريون، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد - ص ص 243 ، 244"

(2) هيرو گلو: از پرمانند ميوارام. ڇاپو پهريون. سال 1936ع. موتي (اليڪٽرڪ) پرنٽنگ ورڪس، حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب، موتيرام ڏرمداس رامراياڻي "موتي اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس، تلڪ روڊ حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ پرمانند ميوارام مهتمم 'جوت'. حيدرآباد سنڌ جي، ڇپائي پڌرو ڪيو.

(3) دل بهار- هي ڪتاب 1904ع ۾ سنڌ جو وينائل ڪوآپريٽو سوسائٽي وارن ڇاپايو هو. قيصريہ اسٽيم پريس حيدرآباد مان.

(4) يوسف مصري- هي ڪتاب فيبروري 1915ع ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي حيدرآباد سنڌ، اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس، حيدرآباد سنڌ مان ڇاپائي پڌروڪيو.

هدايت پريم

# سنڌي ٻوليءَ جو اترادي لهجو

سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي. جنهن جون پاڙون تاريخي طور سنڌ ڌرتي ۾ کتل آهن. ۽ تهذيبي اعتبار کان سنڌو سڀيتا سان واڳيل آهي. سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي مڙني مکيه ٻولين مان هڪ اهم ٻولي آهي. اڪثر عالمن سنڌس اصل نسل هند يورپي ٻولين جي خاندان ۽ انڊڪ گروه ۾ ڏيکاريو آهي. هند يورپي خاندان جون ٽي شاخون آهن. 1- يورپي 2- ايراني 3- هندي. هندي شاخ ۾ بنگالي، آسامي، هندي، اردو، مرهٽي، گجراتي ۽ سنگلي زبانون اچي وڃن ٿيون. سنڌي، پنجابي، ملتاني ۽ ڪشميري زبانون وري انهي آريائي زبان مان نڪتل ڏسجن ٿيون جا ايراني ۽ هندي خاندان جي وچ واري ڪڙي هئي. اسان انهن جي خاندان کي سنڌو خاندان سڏي سگهون ٿا. (1) سنڌو خاندان کي اڪثر ماهرين لسانيات انڊڪ Indic ڪري ٻڌ لکيو آهي.

سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي هڪ وسيع علائقي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ واري هندو آبادي لڏي وڃي، هندستان جي مختلف علائقن ۾ آباد ٿي. پاڪستان جي صوبي سنڌ، بلوچستان، سبي ۽ لسٻيلي، پنجاب جي ماڇڪي ۽ ٻارت جي ڪڇ ڪاٺياواڙ. گجرات جي سرحدي حصن ۾ سنڌي ڳالهائڻ وارا موجود آهن. "سنڌ" ئي هن ٻوليءَ جي Man Land خاص خطو. مادر وطن آهي. وڏي وسيع ايراضيءَ ۾ عام وهنوار ۽ سماجي ضرورت لاءِ سنڌي ٻولي ڪم اچي رهي آهي. تنهنڪري جاگرافيائي اعتبار کان سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لهجا/ محاورا. / اپيلشائون/ Dialects آهن. جن جي، لساني ڇنڊڇاڻ ڪجهه قدر ٿي چڪي آهي. پر اڃا گهڻو ڪم رهيل آهي.

ٻوليءَ ۽ لهجي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ۽ مختلف محاورن، لهجن جو ٻوليءَ

آهي. جيئن ڪجهہ وقت اڳ ۾ سورداس جي پدن ڪري برج ڀاشا ڪنهن وقت ڀاشا سڏجڻ ۾ ايندي هئي.

(3) جنهن ٻوليءَ جا ماڻهو ٻين مٿان ڏاڪ ڄمائين، انهن جي ٻولي اڳتي هلي ڀاشا بڻجي ويندي آهي. سنڌ ۾ حيدرآبادين مان ڪي ميرن جا ديوان بڻيا هئا، جنهن ڪري انهن جي عقل ڪي مڃي، انهن جي ٻوليءَ کي ڀاشا ڪري مڃيو ويو.

(4) اڳين زماني ۾ ڪي ڌرم جا وڏا ڪنهن ٻوليءَ کي زور وٺائيندا هئا. روم جي پادرين اٽالين ٻوليءَ کي ڏاڍو زور وٺايو. جنهن ڪري اُها ڀاشا بڻجي پئي.

مطلب اهوئي آهي تہ ڀاشا هڪ قسم جي پرمائڪ ٻولي Standard Language آهي جنهن کي ساڳي علائقي يا قوم جا ماڻهو سامتڪ ٻولي سمجهي ان ۾ لکڻ پڙهڻ ۽ راڄ ڪاروبار جو ڪم هلائين ٿا. (5)

## اترادي ٻوليءَ جون حدون ۽ اهميت:

سنڌي زبان جي لهجن تي جاگرافيائي حد بندين جي لحاظ کان نالا رکيل آهن؛ اهو لهجو جيڪو اتر سنڌ يعني سري واريءَ ايراضيءَ ۾ ڳالهائبو آهي، تنهن کي سرائڪي لهجو سڏيو ويو ۽ اهو لهجو جيڪو لاڙ ۾ مروج آهي تنهن تي لاڙي لهجو نالو رکيو ويو. (6)

پيرومل مهرچند آڏواڻي صاحب لکي ٿو؛ سر معنيٰ مٿو، ۽ سرو معنيٰ مٿ يا مٿيون ڀاڱو. سنڌ جو اتر وارو پاسو، سنڌ جو توڙي سنڌونديءَ جي وهڪ جو مٿيون ڀاڱو آهي. انهن ٻنهي سببن ڪري اهو سرو سڏجي ٿو. ٻوليءَ جي مطلب لاءِ ٺلهي ليکي چئبو تہ خيرپور رياست کان وٺي ويندي اباوڙي تعلقي جي چيڙي تائين ۽ سيوهڻ دادوءَ کان وٺي سڄو لاڙڪاڻو ضلعو توڙي شهدادڪوٽ ۽ جيڪب آباد وارو پاسو ڪشمور تعلقي جي چيڙي تائين "سرو" آهي ۽ اتي جي ٻولي 'سِريلي' سڏجي ٿي. (7)

موجوده تحريري محاوري Standard Dialect کي جن سياسي مجبورين ۽ اتفاقي حالتن جنم ڏنو، تن جو ذڪر هن ريت ڪري سگهجي ٿو تہ اقتدار جي واڳ جڏهن ٽالپور اميرن جي هٿن مان کسجي ويئي ۽ سنڌ ۾ برطانوي راڄ قائم ٿي ويو تڏهن حيدرآباد ۽ گرد و نواح کي سياسي طور مرڪزي حيثيت حاصل ٿي ۽ سن

1853ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ درسي ڪتابن جي ضرورت محسوس ڪئي. تڏهن اهو ڪم حيدرآباد جي ٻڙهيل ڳڙهيل مائهن جي سپرد ڪيو ويو. هاڻي سوال آهي تہ ان زماني ۾ جيڪڏهن انگريزن جي سياسي قوت جو مرڪز خيرپور يا سکر هجي ها تہ ڇا پوءِ حيدرآباد جي عالمن کان درسي ڪتاب لکرائجن ها! ظاهر آهي تہ اهو ڪم پوءِ خيرپور يا سکر جي دانشورن کان ئي ورتو وڃي ها. ۽ اترادي محاورو ئي معياري درجو مائي ها! (8)

شيخ محمد فاضل لکي ٿو: لسانيات جي ڪن ماهرن اترادي محاوري کي "سريلي" ٻولي سڏيو آهي. جو تہ اها ٻولي سنڌ جي ان طبعي ڀاڱي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. جنهن کي "سرو" ڪوٺجي ٿو. اها ڳالهہ ڪنهن حد تائين ڪٿي تسليم ڪبي. ٻر سري جي حدن کي اترادي محاوري جون سرحدون سمجهڻ ڪنهن بہ حالت ۾ درست نہ آهي. ڪنهن بہ خطي جي "طبعي جاگرافي" ۽ "لساني جاگرافي" ۾ صد في صد مطابقت اتفاقي تہ ٿي سگهي ٿي پر عمومي طور تي ائين نہ آهي. (9)

شيخ محمد فاضل ڀيرومل جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ:- ڀيرومل آڏواڻي "سري" جي ٻولي جون حدون ٻڌائيندي چوي ٿو تہ "ٻولي جي مطلب لاءِ ٿلهي ليکي چئبو تہ خيرپور رياست (موجوده خيرپور ضلعو) کان وٺي اٻاوڙي تعلقي تائين ۽ سيوهڻ. دادو کان وٺي سڄو لاڙڪاڻو ضلعو توڙي شهدادڪوٽ (لاڙڪاڻو ضلع) ۽ جيڪب آباد وارو پاسو ڪشمور تعلقي جي حيڙي تائين "سرو" آهي ۽ اتي جي ٻولي "سريلي" آهي.

اترادي محاوري جي جاگرافيءَ جي گهري مطالعي کان پوءِ ڀيرومل جي راءِ کي رڳو "ٿلهي ليکي" ئي قبول ڪري سگهبو جو تہ خيرپور ضلعي جي اوڀر واري وسيع ايراضي توڙي روهڙي. ميرپور ماٿيلي ۽ اٻاوڙي تعلقن جي اڀرندي طرف واري وڏي پٽيءَ ۾ سنڌيءَ جون سٺون سڏو ٺري محاورو ڳالهايو وڃي ٿو. ٻئي طرف جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي اولهندي پاسي بلوچستان جي شورڻ ۽ سبي واري علائقي ۾ بہ اترادي محاورو رائج آهي. اٻاوڙي تعلقي ۾ اتر ۾ وري ماڇڪي جي ٻوليءَ جو گهڻو اثر آهي. اتان جي ٻوليءَ کي "سرائڪي- سنڌي" تہ سڏي سگهجي

سبب اترادين لاڙين لاءِ هي محاورو گهڙيو ويو آهي، لاڙ جو پڙهيو سو سري جو ڍڳو. (12)

سر جارج ابراهم گريئرسن سنڌي ٻوليءَ تي نهايت اهم ڪم ڪيو آهي. جيڪو لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا جي جلد ائين جي ٻهرين حصي ۾ شامل آهي. ٽرمپ جي مٿين راءِ کيس معلوم هئي. ان جي باوجود به گريئرسن اترادي لهجي کي بطور هڪ لهجو تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. سندس راءِ آهي:

سنڌي ٻوليءَ جا ڇهه ڇاتل سڃاتل لهجا آهن:- وچولي، سرائڪي، لاسي، لاڙي، ٿريلي ۽ ڪڇي. ٻهريون يعني وچولي سنڌ جي وچين علائقي ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. هي معياري لهجو آهي ۽ ادب تحرير ڪرڻ لاءِ ڪم اچي ٿو. سرائڪي وچولي لهجي جو ئي هڪ نمونو آهي، ۽ حقيقي طور لهجو نه آهي. صرف اچارن جو فرق آهي، جيڪي سرائڪي ۾ تمام ڇنائي سان اچاريا وڃن ٿا. ۽ لفظي ذخيره ۾ پڻ ٿورڙي فرق آهي. سنڌ ۾ "سرو" لفظ جي معنيٰ آهي "مٿو" ۽ سرائڪي معنيٰ مٿاهون، يا لاڙ لوئر سنڌ جي اتران. سنڌين پاران سرائڪي (اترادي) ٻوليءَ جو نج نبار نمونو تصور ڪيو وڃي ٿو.

ياد رکڻ گهرجي ته "سرو" نالو يعني مٿاهون ملڪ هڪ نسبتي اصطلاح آهي جيڪو مقامي طور مختلف معنائون رکي ٿو. جيئن ئي سنڌو ندي جي هيٺاهين طرف هجبو اوترو ئي "سرو" علائقو وڏو هوندو. يعني ته اهڙي طرح لاڙ وارن لاءِ سرو يعني وچولو سنڌ ۽ اتر سنڌ جا سمورا علائقا ان ۾ اچي ٿا وڃن. (13)

ٽرمپ پنهنجي گرامر ۾ بيان ڪيو آهي ته اپر سنڌ ۾ هڪ نمايان لهجو "سرائڪي" ڳالهايو ويندو آهي، پر مون کي مليل نمونن مان اهو ثابت ڪو نه ٿو ٿئي. مثال طور آءٌ حوالي طور خيرپور مان مليل نمونو پيش ڪريان ٿو. خيرپور جيڪا جاگرافيائي طور سري ۾ وچ ۾ آهي. اتان جي ٻولي حيدرآباد جي معياريءَ کان ڪنهن طرح به مختلف ڪو نه آهي. شڪارپور ۽ اپر سنڌ فرنٽيئر (جيڪب آباد) مان مليل ٻوليءَ جو ڪو به لهجو نه آهي. اهو لهندا ٻوليءَ جو هڪ لهجو آهي جيڪو سموري سنڌ ۾ رائج آهي ۽ خصوصي طرح اپر سنڌ ۾ 'جت' قوم جا ماڻهو ۽ ٻيا بلوچ جهڙوڪ رند، لغاري، عباسي ڳالهائيندا آهن. (14).

آهي. نامور ماهر لسانيات ڊاڪٽر خوبچنداڻي لکي ٿو؛

Sindhi Linguistics is still in its infancy as far as dialect study is concerned.

... No. serious study has been made of any dialect of Sindhi, except Kacchi. Theoritical problems of dialectology have not yet attracted the attention of sindhi scholars. (24)

اترادي لهجو. سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهم لهجو آهي. جيڪو اپر سنڌ جي هڪ وسيع علائقي ۾ ڳالهايو پيو وڃي. جنهن جا اثرات سنڌ کان ٻاهر پنجاب جي ماڇڪي علائقي ۽ بلوچستان جي سبي ۽ ڪيتران علائقن تائين ڦهليل آهن. هيءُ لهجو. سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي جي تمام قريب آهي. ايڏي هڪجهڙائي رکي ٿو جو گريئرسن. هن لهجي کي معياري لهجي جو ئي هڪ روپ سمجهي ٿو.

اترادي لهجي کي سنڌ مان لڏي ويل سنڌي ڳالهائيندڙ هندو ڀارت ۾ به پنهنجي لهجي جي ميٺاج کي برقرار رکيو وينا آهن. جتي جتي به هو وسيل آهن، اتي هو پنهنجي لهجي، شڪارپوري، لاڙڪاڻائي، حيدرآبادي جي حوالي سان سڃاتا وڃن ٿا. بمبئي جي هڪ شڪارپوري دڪاندار پنهنجي دڪان جي ٻاهران لکرائي ڇڏيو آهي:

"ڀڳلان ڀينان مانکان نهرائيندا. (25)

هن سٽ ۾ شڪارپور جي مٺڙي ٻوليءَ جو سواد اچي رهيو آهي. هر قافيہ لفظن. 'ڀڳلان'، 'ڀينان'، 'مانکان'، جو ترنم ڪن ۾ منو منو رس اوتي رهيو آهي.

ادبي لحاظ کان بہ اترادي لهجو تمام گهڻو اهم آهي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي سرموڙ شاعرن قاضي قادن، حضرت سچل سرمست، خوش خير محمد فقير، فقير قادر بخش بيدل، فقير محمد محسن بيڪس، روحل فقير ۽ موجوده دور جا شاعر شيخ اياز، تنوير عباسي، فتاح ملڪ، عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني ۽ ٻيا سون جي تعداد ۾ شاعري ڪري رهيا آهن. هن سموري ادبي ذخيري ۾ اترادي لهجي جي اهڙي سگند ۽ هڳاءُ موجود آهي، جيڪا پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي من ۾ هڪ پرمسرت ڪيفيت پيدا ڪري ٿي.

# حوالا

1- علي نواز جتوئي- علم لسان ۽ سنڌي زبان 1968ع. ص - 187.
2- علي نواز جتوئي- علم لسان ۽ سنڌي زبان 1968ع. ص - 154 ۽ 155.
3- Bloomfield. L. Language. P- 302.
4- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي- شڪاريور جي ٻولي. 1993ع. ص - 12.
5- ڀوڄي هيرانندائي- ڀاشا شاستر. 1941ع. ص 41-45.
6- ڊاڪٽر غلام علي الانا- سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي. 1979ع. ص - 198.
7- ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي - سنڌي ٻولي جي تاريخ. 1956ع. ص - 96.
8- شيخ محمد فاضل- ماتيلي ۽ اباوڙي جي ٻولي. 1992ع. ص 14-15.
9- ايضاً. ص 11.
10- ايضاً. ص 11.
11- ايضاً. ص 13.
12- Ernest Trumpp. Grammar of the Sindhi Language. 1872. p. II.
13- G. A. Grierson. Linguistic Survey of India. Vol. VIII. Part. I. p. 139.
14- Ibid. p. 140.
15- Ibid. p. 140.
16- Ibid. p. 140.
17- Ibid. p. 131.
18- Ibid. Vol. I p. 9.
19- حڪيم فتح محمد سيوهاڻي- آفتاب ادب. 1956ع. ص 115-116.
20- شيخ محمد فاضل - "ماتيلي اباوڙي جي ٻولي"، 1992ع. ص - 15.
21- ڊاڪٽر داد محمد بروهي. سبيءَ جي ٻولي. 1992ع. ص 1.
22- ڀوڄي هيرانندائي. ڀاشا شاستر. 1960ع. ص 229.
23- ڀيرومل مهرچند آڏواڻي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ. 1956ع. ص- 99.
24- Khubchandani, Lachhman Current trends in Linguistics -Sindhi. p-209.
25- عمر قاضي. ديسين وٺ پرديس ۾. 1984ع. حيدرآباد سنڌ ص. 94.

سنڌي ادب ۾ جتي ٻين اميرن جو ذڪر ۽ سندن علمي لياقتن کي ساراهيو ويو آهي اُتِ مير شهداد خان جي علمي لياقتن جو ذڪر ٻڻ ضرور آهي. هي شهزادو فارسي زبان جو قادرالڪلام شاعر آهي، ۽ صاحب ديوان آهي. هيٺ مختصر احوال ڏجي ٿو:-

امير ابن امير مير شهداد خان تخلص حيدري هي شهزادو والئي سنڌ مير نور محمد خان جو فرزند ۽ مير مراد علي خان جو پوٽو هو. سندس لقب "سرڪار بلند اقتدار" ۽ سجع هيٺين ريت آهي:-

(1) خاڪپائي مرتضيٰ شهداد خان 1249هه

(2) خاڪپائي مصطفيٰ و مرتضيٰ شهداد خان (2).

مٿيون سجع سندس منڊيءَ جي نگ تي اُڪريل آهي. هيءَ منڊي سندس پوين وٽ اڄ به محفوظ آهي.

**تعليم و تربيت:-** سنڌ جي مسلمانن جي دستور مطابق هن شهزادي کي به ابتدائي تعليم ديني يعني قرآن پاڪ ۽ مذهبي ڪتاب پڙهايا ويا. ديني تعليم کانپوءِ فارسي، سنڌي، عربي ۾ نثر نظم ۽ نصاب مطابق تعليم ڏني ويئي. شاهي دستور مطابق گهوڙي سواري ۽ تلواربازي جي پڻ سکيا ڏني ويئي. انهن ڏينهن ۾ نصاب ۾ شعر جوڙڻ پڻ سيکاريو ويندو هو. خاص طور شهزادن کي شاعر خود پڙهائيندا هئا. امير شهداد خان کي ننڍپڻ ۾ ئي شاعرانه ماحول مليو. تنهن ڪري سندس لاڙو شاعريءَ ڏانهن ٿيندو ويو ۽ ڀرپور جوانيءَ ۾ ئي صاحب ديوان بڻيو. فارسي زبان تي کيس مڪمل دسترس حاصل هئي.

"سندس والد مير نور محمد خان جي وفات کان پوءِ سندس چاچي تاجدار سنڌ مير نصير خان جعفري پنهنجي خانداني دستور مطابق کيس امور حڪومت ۾ شريڪ ڪيو. "امير شهدادا خان نهايت گرم مزاج ۽ زود رنج طبيعت جو مالڪ هو. هو جاگير جي معاملي ۾ پنهنجي ڀاءُ حسين علي خان سان ٻڻ ڪاوڙجي پيو هو ۽ آخر وڏن ميرن سندن صلح ڪرايو" (3).

سال 1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ مڪمل تياري ڪري ڇڏي جڏهن ميرن محسوس ڪيو ته هاڻ جنگ اڻ ٽر آهي ته هن شهزادي 8000

فوج سان انگريزن جي ڪيمپ تي 15 فيبروري تي حملو ڪيو. ۽ ڪين فلحال اتان ڀڄائي ڪڍيائين. پر اها عارضي فتح جلد ئي مياڻيءَ واري جنگ ۾ شڪست ۾ بدلجي ويئي. 1843ع ۾ انگريز سنڌ تي قبضو ڪري سڀني ٽالپرن اميرن کي قيد ڪري ڪلڪتي وٺي ويا. جتي مير شهداد کي اڪيلو سورت ۾ قيد ڪري رکيائون. مٿس فرنگين جي ڪيمپ کي باهه لڳائڻ ۽ ڪئپٽن "Ennis انس" جي قتل جو الزام لڳايائون. مگر لارڊ ڊلهائوزي تحقيقات ڪري هن کي بيقصور ثابت ڪري ڪلڪتي ۾ سندس قيدي خاندان سان گڏ رکيو" (4).

**وفات:** امير شهداد خان 7 محرم 1274هه مطابق 28 آگسٽ 1857ع ۾ اتي وفات ڪري ويو. ڪيس حيدرآباد سنڌ ۾ ميرن جي قبن تي سندس والد مير نور محمد خان ٽالپر جي پر ۾ دفن ڪيو ويو (5). سندس قبر تي هيٺيون ڪتبو لکيل آهي.

تاريخ وصال مرحوم مير صاحب شهداد خان ٽالپر عليه الرحمت
هفتم ماه محرم 1274هه.

**سندس شاعريءَ ۾ حصو:** شهزادو شهداد خان سخن سنج ۽ سخن فهم هو. شاعرن ۽ عالمن جو قدردان هو. هو ننڍپڻ کان ئي شاعرن جي محفل ۾ رهيو هو. تنهن ڪري سعر چوڻ ۽ شعر پڙهڻ سندس دلچسپ مشغلا هئا. فارسي زبان تي عبور حاصل هئس. فارسيءَ جو قادرالڪلام شاعر هو. شاعري ۾ سندس نهايت هڪ اعليٰ تصنيف ديوان حيدري آهي. شعرن ۾ ڪٿي ٽالو تہ ڪٿي حيدري تخلص استعمال ڪيو اٿس (6).

**صنفون:** هن صاحب شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. جهروڪ، غزل، رباعيون، مخمس، مسدس، مثنوي، ترڪيب بند، ترجيع بند، ساقي نامہ وغيره وغيره (7).

**موضوع:** سندس شاعري گوناگون موضوعن تي مشتمل آهي. تقريبا ڪائنات جي هر پهلوءَ کي پنهنجي ڪلام جو موضوع بنايو اٿس. ديوان جي شروعات حمد باري تعاليٰ، منقبت، مداح ۽ مناجات سان ڪئي اٿس. ان کان بوءِ

۾ ڪئي.

هي ديوان نهايت شستہ فارسي ۾ لکيل آهي. شعرن جي ترتيب نهايت خوبصورت آهي. هي ديوان ٺٽي مير نور محمد ۾ ٿالپري ڪتب خاني ۾ موجود آهي ۽ قلمي حالت ۾ آهي (11).

# حوالا

(1) E. B. Eastwick: "Dryleaves from young Eygpt" p. 257.

(2) مصنف جو ذاتي مشاهدو.

(3) ابراهيم خليل: "تڪمله مقالات الشعراءَ". مرتب پير حسام الدين راشدي. سنڌي ادبي بورڊ. 1958ع. ص 159.

(4) E. B. Eastwick: "Drylcaves from young Eygpt" p. 256.

(5) خليل ابراهيم: "تڪمله مقالات الشعراءَ". ص 140.

(6) ساڳيوئي.

(7) مير شهداد خان: "ديوان حيدري" قلمي مسودو.

(8) ساڳيوئي.

(9) ساڳيوئي.

(10) ساڳيوئي.

(11) مصنف جي ٿالپري ڪتب خاني تي ذاتي تحقيق.

لکي ٿو:

"گني کي ٻهاڙي جڳهيون جو پسند آهن. ڪهاڻين ۾ ان جو جواب هي ٿي سگهي ٿو ڀهاڙ اڏول ۽ پر وقار آهن. اهو هن جو غير حقيقي هجڻ طرف اشارو نه آهي. زمين کان مٿي هجڻ جو هڪ ٻيو مثال ڪهاڻي جا نانڪا ۾ به ملي ٿو جتي ڀهاڙ نه بلڪه "بالڪني" اچي ٿي جا به زمين کان مٿي هوندي آهي پر ان کي بنياد ڪين هوندو آهي. بالڪني جاء جو اهو حصو آهي جيڪو ٻئي جي سهاري تي هوندو آهي. گني جون هي علامتون ذاتي علامتون آهن جن جو ڪيئي پرتولہ آهن جن کي مناحرو نہ ڏسڻ گهرجي. سريلي پاشا ۾ اهي ڏند ڪٿائون انساني نفسيات جي گهرت جا اهي آئينا آهن جن ۾ پنهنجو عڪس ۽ پاڻ کي ڳولي سگهجي ٿو. گني جديديت ۾ قدامت جو رس گهولي ڇڏيو آهي. اصل ۾ جديد ڪهاڻيء جو جهڪاء پوري طرح سان سنڌي ڪهاڻي ۾ علامت نگاري ڏانهن ڪونهي پر ان کي استعمال ڪيو ويو آهي. اردو ادب ۾ انتظار حسين (۽ ٻيا) علامت نگاري کي مڪمل طرح ڪم آندو آهي. ايشور چندر جون ڪهاڻيون ڪردارن جي چوطرف اٽيل آهن. جيڪي سماج سان سڌي طرح ٽڪراء ۾ آهن. هو زندگي جا چتر چٽي ٿو جيڪي درد جي ڪوميڙي ۾ ويڙهيل آهن. وچولي درجي جي رستن ناتن ۾ سرد مهري سندس ڪهاڻي جي خوبي آهي. سندس ڪن ڪهاڻين ۾ علامتي اشاريت ملي ٿي. جيڪا جديد ڪهاڻيء جي خوبي آهي. هڪ ٻيو ليکڪ وشنو ڀاٽيا اخلاقي ڏيوالپڻي جو انڪشاف ڪري ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ جنسيات جو عڪس نظر اچي ٿو. هو علامتن جو استعمال ڪري ٿو. پريم پرڪاش پنهنجن ڪهاڻين ۾ هڪ وڏي معنيٰ رکي ٿو. من وگياني نفسياتي سناء سندس ڪهاڻي ۾ آهي. ڪهاڻي کي انند ڪيمائي پوڙڪ چهاء ڏيئي ان کي کرو ۽ بهادرانہ بنايو آهي. مجموعي طور تي هند ۾ سنڌي ڪهاڻي سماجي قدرن ۽ اندر ۾ ٽٽل انسان ۽ ٻين آدرشن جي ٽٽڻ اخلاقي ۽ ماضي کان ڪٽجڻ جي ڳالهہ آهي هن ۾ جديد تجربا ڪندي ڪهاڻي کي علامتي بنايو ويو آهي. ان طرح سنڌي ساهت ڪهاڻي جي وسيلي سماجي ڪارج جي اهميت کي واضح ڪيو ويو آهي شهري ۽ صنعتي سڀيتا جا نفي پهلو ۽ ان جي نتيجي ۾ نفسياتي اثرن مان پيدا ٿيندڙ انيڪ ۽ گهٽو پيڙا جو درد ڏسي سگهجي ٿو.

## هيٺين ڪتابن تان مدد حاصل ڪئي ويئي:

1- هيرو ٺڪر: "جدت جو مفهوم ۽ سنڌي ڪهاڻي". ڪلپنا ڪتاب گهر، الهاس نگر ڀارت. 1975ع.

2- اي - جي - اتم: "سنڌي ڪهاڻي". نانڪ ۽ تنقيد. نئين دنيا پبليڪيشن 1983ع.

# هڪ يادگار تصوير

(1958ع ۾ هالا پراڻا ۾، ادبي سنگت جي گڏجاڻي ۾ ورتل)



ويٺل- مرحوم مقبول ڀٽي، شمشيرالحيدري، مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي، زيب ڀٽي. بيٺل- هڪ شخص، قاضي عبدالواحد،
مرحوم قاضي محمد عالم "معصوم" هالائي، قاضي مريد علي